عربي، اردو، سنڌي، گجراتي، انگلش، بنگالي، پشتو، هندي ۽ ٻيا ڪيترا ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثير الاشاعت ميگزين

Monthly Magazine | Faizan-e-Madina | رنگين شماره

# ماهوار فيضانِ مدينه

(دعوت اسلامي)

نومبر 2026/ جمادي الآخري 1448ھ




- عزت مسلم جي حفاظت جو انعام
- آگريون روشن ٿي ويون
- رسول الله جي ويهڻ جو مبارڪ انداز
- ڊيٿرن کي گهر سنياڻڻ سيکاريو
- رسول الله جو غذائون: سهي جو گوشت




# احڪام تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطّاري مدني

## ڪافرن جي مذهبي ڏهاڙن جون پوسٽون ناهڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته مان گرافڪ ڊزائننگ (Graphic Designing) جو ڪم ڪندو آهيان، جنهن ۾ تصويرن جي ايڊيٽنگ (Editing) ۽ مختلف قسمن جون ڊجيٽل پوسٽون تيار ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن گراهڪ ڪافرن جي مذهبي ڏهاڙن جي مبارڪباد تي ٻڌل پوسٽون ناهڻ لاءِ چوندا آهن. پڇڻ جو مقصد اهو آهي ته ڇا ڪافرن جي مذهبي ڏهاڙن جي مبارڪباد تي ٻڌل پوسٽون ناهڻ شرعي لحاظ کان جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** ڪافرن جي مذهبي ڏهاڙن جون مبارڪون ڏيڻ ناجائز ۽ حرام آهي، بلڪ ڪجهه صورتن ۾ ڪفر آهي. تنهنڪري اوهان جو ڪافرن جي مذهبي ڏهاڙن جي مبارڪباد تي ٻڌل پوسٽ ناهي ڏيڻ، گهٽ ۾ گهٽ حرام ضرور آهي: ڇو ته هي "تعاون علي الاثم" يعني گناهه جي ڪم ۾ مدد فراهم ڪرڻ آهي، جيڪو ناجائز ۽ گناهه آهي ۽ الله ڪريم قرآن پاڪ ۾ ان کان منع فرمايو آهي.

دنياوي فائدي خاطر ڪافرن جي ڪفريه رسمن ۾ مدد ڪرڻ ناجائز ۽ گناهه آهي. جيئن ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا:

"مراسمِ ڪفر جي اعانت ۽ انهن ۾ شرڪت ممنوع، ناجائز، گناهه ۽ حڪمِ الاهيءَ جي مخالفت آهي. قال الله تعالىٰ: ''وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ'' ترجمو: ۽ گناهه ۽ زيادتيءَ جي ڪمن تي پاڻ ۾ هڪٻئي جي مدد نه ڪريو. حديث شريف ۾ ارشاد ٿيو: من سود مع قوم فهو منهم وفي لفظ من كثر سواد قوم فهو منهم يعني جيڪو ڪنهن قوم جي جماعت ۾ شريڪ ٿي انهن جو انگ وڌائي، اهو انهن مان ئي آهي... پوءِ جيڪڏهن اهي ڳالهيون نفس جي شامت ۽ دنيا جي لالچ سبب هجن ته صرف جهنم جا مستحق ٿيندا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪفريه رسم جي پسنديدگيءَ ۽ رضامنديءَ سان هجن، ته ڪلمو ڪلا ڪفر آهي. (فتاویٰ رضویه، 21/186 ملتقطا)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واله وسلَّم

## آفيم جو واپار ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته آفيم جو واپار ڪرڻ ڪيئن آهي؟ جڏهن ته هيءَ ڪيترين ئي دوائن ۾ به استعمال ٿيندي آهي.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** آفيم جي واپار جو شرعي حڪم هي آهي ته جيڪڏهن خريدار بابت اها ڄاڻ هجي ته هو آفيم نشي يا ڪنهن ٻئي ناجائز مقصد لاءِ ونڊي رهيو آهي، ته پوءِ اهڙي شخص کي آفيم وڪڻڻ جائز ناهي، ڇو ته اها گناهه جي ڪم تي مدد آهي. پر جيڪڏهن گراهڪ جو مقصد معلوم نه هجي يا اها پڪ هجي ته هو اها جائز طبي ضرورت لاءِ استعمال ڪندو، جهڙوڪ باهرين استعمال جي دوا يا مَلَم (مرهم) ناهيندو، يا ڪائڻ واري دوا ۾ ايتري ٿوري مقدار ملائيندو جنهن سان نشو نه ٿئي ۽ نه ئي عقل ۽ حواسن تي ڪو ناڪاري اثر پوي، ته پوءِ ان جي خريد و فروخت ممنوع ناهي بلڪ جائز آهي. البت آفيم جي هن جائز واپار کان به پاسو ڪرڻ بهتر آهي.

**نوٽ:** پاڪستاني قانون موجب آفيم جي پوک ۽ واپار ممنوع آهي، البت صرف طبي، سائنسي يا صنعتي مقصدن لاءِ قانون جي مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ان جي محدود اجازت موجود آهي: تنهنڪري جنهن صورت ڪي جائز لکيو ويو آهي، ان ۾ قانوني تقاضا پورا ڪرڻ بہ لازمي آهن. آفيم جي واپار بابت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **لکن ٿا:** ان بيع الافيون والبنج وامثالهما ايضا مكروه الا ممن علم انه لا يشتريها للمعصية يعني آفيم، ڀنگ ۽ انهن جهڙين ٻين شين جي خريد و فروخت مڪروه آهي، سواءِ اهڙي شخص جي هٿان خريد و فروخت ڪرڻ جي جنهن بابت اها ڄاڻ هجي تہ هو گناهہ لاءِ نٿو خريد ڪري.(جد الممتار،7/78)

صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا:** "آفيم جو ڪائڻ ناجائز آهي، پر جڏهن ڪنهن دوا ۾ ايتري ٿوري مقدار ملايل هجي جو ان دوا جي ڪائڻ سان حواس تي اثر نہ پوي تہ جائز آهي... ان جي خريد و فروخت جائز آهي، البت ان جو وڪرو اهڙي شخص کي ڪرڻ جيڪو ان کي ناجائز طور واپرائيندو هجي، ممنوع آهي جو جو اها گناهہ تي اعانت (مدد) آهي. (فتاویٰ امجدیہ، جلد3، صفحہ182)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## ٽيڪي تي ڪم وٺي اڳتي ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ مان هڪ ٽيڪيدار آهيان ۽ مون وٽ مزدورن جي هڪ مڪمل ٽيم آهي، جيڪا منهنجي هدايتن مطابق اڏاوتي (تعميراتي) ڪم ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو مون وٽ ڪنهن هنڌان ڪم جي آڇ ايندي آهي ۽ گراهڪ ان ڪم جو سڏو معاوضو بہ ڏئي رهيو هوندو آهي، پر مان پنهنجي موجوده ٽيم سان ٻئي هنڌ مصروف هجڻ سبب اهو نئون ڪم پاڻ سرانجام ناهيان ڏئي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ مان پاڻ گراهڪ سان وڌيڪ مزدوري طئي ڪري ونندو آهيان ۽ پوءِ اهو ئي ڪم ڪنهن ٻئي ٽيڪيدار کان گهٽ مزدوريءَ ۾ ڪرائي ڇڏيندو آهيان. اهڙيءَ ريت گراهڪ سان طئي ٿيل مزدوري ۽ ٻئي ٽيڪيدار کي ڏنل مزدوريءَ جي وچ ۾ جيڪو فرق (منافعو) بچندو آهي، اهو مان پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو آهيان. سوال هي آهي تہ ڇا ائين ڪرڻ شرعي لحاظ کان درست آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پيچيل صورت ۾ جيڪڏهن ٽيڪو ڏيڻ وقت گراهڪ طرفان اها شرط عائد نہ ڪئي وئي هجي تہ هي ڪم اوهان کي ئي پنهنجي هٿ سان پورو ڪرڻو پوندو، بلڪ معاهدو صرف ڪم جي مڪمل ٽيڻ ۽ طئي ٿيل معيار مطابق هجڻ جو هجي، تہ پوءِ اهڙي صورت ۾ اوهان لاءِ اهو جائز آهي تہ اوهان اهو ڪم طئي ٿيل معيار موجب ڪنهن ٻئي ٽيڪيدار کان گهٽ اجرت تي ڪرائي ونو. ان ڪانسواءِ هن صورت ۾ گراهڪ سان طئي ٿيل اجرت ۽ ٽيڪيدار کي ڏنل اجرت جي وچ ۾ جيڪا رقم بچندي، اها اوهان لاءِ حلال هوندي. پر جيڪڏهن گراهڪ طرفان اها شرط هجي تہ ڪم اوهان کي ئي ڪرڻو آهي، تہ پوءِ ڪنهن ٻئي ٽيڪيدار کان اهو ڪم ڪرائڻ جائز ناهي، بلڪ اوهان تي ئي اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لازم آهي.

مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه "بهارِ شريعت" ۾ فرمائن ٿا: "جنهن ڪان ڪم ڪرائڻو آهي، جيڪڏهن ان سان اها شرط رکي وئي هجي تہ توکي ئي خود ڪرڻو پوندو يا ڇيو ويو هجي تہ پنهنجي هٿ سان ڪجانءِ، تہ ان صورت ۾ خود ان کي ئي ڪرڻ ضروري آهي. پنهنجي شاگرد يا ڪنهن ٻئي شخص کان ڪم ڪرائڻ جائز ناهي... ۽ جيڪڏهن اها شرط ناهي تہ هو پاڻ ئي پنهنجي هٿ سان ڪم ڪندو تہ هو ٻئي کان بہ ڪرائي سگهي ٿو: چاهي پنهنجي شاگرد کان ڪرائي، نوڪر کان ڪرائي يا ڪنهن ٻئي کان اجرت تي ڪرائي، اهي سڀ صورتون جائز آهن.

(بہارِ شریعت،3/119ملتقطاً)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

مولانا حاجي ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

جمادي الأخريٰ اسلامي سال جو ڇهون مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابءِ ڪرام، علماءِ اسلام ۽ اولياءِ عظام جو وصالِ مبارڪ ٿيو، انهن مان 134 جو مختصر ذڪر ماهوار فيضانِ مدينہ جي جمادي الأخريٰ 1438ھ کان 1447ھ وارن شمارن ۾ پيش ڪيو ويو آهي. وڌيڪ 13 بزرگن جو مختصر تعارف ملاحظ فرمايو:

## صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم:

حضرت عبدالله بن أبي بن خلف قرشي جُمحي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ قريش جي قبيلي بنو جُمح مان هئا، پاڻ فتح مڪ جي موقعي تي اسلام قبول ڪيائون ۽ حجةُ الوداع ۾ ب شريڪ رهيا. پاڻ جنگِ جمل ۾ جمادي الأخريٰ 36ھ تي شهادت جو جام نوش فرمايو.[i]

(2) حضرت عبدالرحمٰن بن سائب مخزومي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ قريش قبيلي جي شاخ بنو مخزوم مان هئا. هي ب فتح مڪ ۽ حجةُ الوداع ۾ شريڪ ٿيا ۽ جنگِ جمل ۾ جمادي الأخريٰ 36 ھ تي شهادت جو رتبو ماڻيائون.[ii]

## اولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ:

(3) حضرت سيد حيدر ولي الله قادري گيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ مقبولِ خاص و عام، غوث الاعظم جي خاندان مان هي بزرگ بغداد (عراق) ۾ پيدا ٿيا ۽ 3 جمادي الأخريٰ 1033ھ تي وصال فرمايائون. سندن درگاهه نيلنگا، احسن آباد ڪرناٽڪ، هندستان ۾ موجود آهي. پاڻ ڪامل ولي، صاحبِ تصرف و ڪرامت ۽ باوقار و پرڪشش شخصيت جا مالڪ هئا، سلطنتِ بيجاپور جو سلطان ابراهيم عادل شاهه ثاني سندن ئي مريد هئا.[iii]

(4) ديوان شاهه عبدالباقي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پاڻ هڪ ولي ۽ ڪامل ۽ سلسلي قادريہ سان وابسته هئا. سندن وصال 18 جمادي الأخريٰ 1072ھ تي ٿيو. سندن مزار ڳوٺ بيول، تعلقي گوجر خان ضلعي راولپنڊي ۾ واقع آهي. پاڻ ديوان حضوري شيخ عبدالله قادري سوهاوي جا خليفا هئا. سندن صاحبزادو شيخ عبدالواحد سندن گادي نشين مقرر ٿيا.[iv]

(5) شيخ طريقت شيخ سيد ابو عبدالله محمد بن علال حسني يملحي وزاني فاسي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سندن ولادت فاس، مغرب (مراڪش) جي علمي ۽ روحاني گهراڻي ۾ ٿي. پاڻ مُستند عالم دين، فقيہ، ڪثير العبادت، سلسلي وزانيہ جا شيخ طريقت ۽ مقبولِ خاص و عام هئا. سندن وصال 29 جمادي الأخريٰ 1335ھ تي ٿيو ۽ ڪين روضءِ باب عجيسہ، فاس ۾ دفن ڪيو ويو.[v]

(6) حضرت پير سيد امام علي شاهه گيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سندن ولادت ڪفري، وادئ سون سڪيسر ضلع خوشاب ۾ ٿي ۽ 16 جمادي الأخريٰ 1344ھ تي 105 سالن جي عمر ۾ وصال فرمايو. سندن مزار جبي شريف ضلع خوشاب ۾ آهي. پاڻ خواجہ سليمان تونسوي جا مريد ۽ خليفا، عابد و زاهد، آستانہ عاليہ جبي شريف جا باني، ڪثرت سان تلاوت ڪندڙ ۽ مستجاب الدعوات هئا. عمر جي آخري سال

۾ بہ سخت ضعف ۽ ڪمزوريءَ جي باوجود رمضان المبارڪ جا سمورا روزا رکيائون.[vi]

(7) پروفيسر عابد حسن فريدي جماعتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پاڻ ديني توڙي دنياوي تعليم سان آراسته، سينٽ جانس ڪالج آگري ۾ پروفيسر ۽ فارسي شعبي جا صدر، اميرِ ملت جا مريد ۽ خليفا، سنت نبويءَ جا سخت پابند، اشاعتِ اسلام جي جذبي سان سرشار ۽ صاحبِ ڪشف بزرگ هئا. سندن وصال 4 جمادي الأخريٰ 1364ھ تي ٿيو، سيد ابوالعلا جي ويجهو آگره، يو پي (هندستان) ۾ تدفين ڪئي وئي.

(8) حضرت مولانا پير صوفي ڪفايت علي قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن پيدائش بلگرام، يو پي هندستان ۾ ٿي ۽ 2 جمادي الأخريٰ 1389ھ تي ڪراچيءَ ۾ وصال فرمايائون. سندن آخري آرامگاھ قادري مسجد، پي آءِ بي ڪالوني (ڪراچي) سان متصل آهي. پاڻ سيد جمن ميان شاهجهان پوري جا مريد و خليفا، نهايت ئي متقي، پرهيزگار، ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جا ليکڪ، متواضع، متوڪل ۽ بيحد نياز ۽ نوڙت ڪندڙ، سندن هزارين مريدن ۾ جستس مفتي سيد شجاعت علي قادري ۽ مولانا سيد سعادت علي قادري به شامل آهن.[vii]

## علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ

(9) امام ابو عثمان عمرو بن عاصم ڪلابي قيسي بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پاڻ امام همام بن يحييٰ ازدي بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان حديث پڌائون. پاڻ صحيح بخاريءَ جي راوين مان آهن. سندن وصال بصره ۾ جمادي الأخريٰ 212ھ يا 213ھ ۾ ٿيو.[viii]

(10) شيخ الاسلام حضرت ابو اسحاق ابراهيم فيروز آبادي شيرازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن ولادت 393ھ ۾ فيروز آباد (صوبو فارس) ايران ۾ ٿي ۽ 21 جمادي الأخريٰ 476ھ تي بغداد ۾ وفات فرمايائون، کين باب ابرز بغداد، عراق ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ فقہ شافعي جا مجتهد، اميرُ المومنين في الفقہ، ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف، اعليٰ اخلاق جا مالڪ، فصاحت و بلاغت جا پيڪر ۽ مدرسہ نظاميہ بغداد جا مدرّس (استاد) هئا. سندن مشهور علمي يادگار ڪتاب اَلنُّكَتُ فِي الْمَسَائِلِ الْمُخْتَلَف آهي.[ix]

(11) استاذُ الحفاظ مولانا حافظ غلام حبيب نقشبندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن پيدائش درٻٽ لڳ لاوه ضلعي چڪوال ۾ ٿي ۽ 10 جمادي الأخريٰ 1384ھ تي وصال فرمايائون. سندن مزار ڊهرنڪ ضلعي ميانوالي ۾ آهي. پاڻ هڪ جيد حافظِ قرآن، بهترين استاد، پير شاهه محمد نقشبندي (آستانہ عاليہ دنده شاهه بلاول، ضلعي چڪوال) جا مريد، قرآن پاڪ جا عاشق، لاتعداد شاگرد رکندڙ، غيرتمند، سخي ۽ ڪنهن بہ ملامت ڪندڙ جي پرواهه ڪرڻ بنا حق جو ساڻ ڏيندڙ هئا.[x]

(12) قائدِ ملت حضرت مولانا حسن رضا تاجي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن ولادت 1366ھ ۾ روشن پور ضلع اميٺي، يو پي، هندستان ۾ ٿي. پاڻ جيد عالمِ دين، جامعہ عربيہ سلطان پور جا فاضل، صدر العلماء علامہ سيد غلام جيلاني ميرٺي جا شاگرد، بابا عبدالصمد تاجي جا مريد، آستانہ عاليہ بريلي شريف جا خليفا ۽ مدرسہ تاج العلوم صمديہ قاسم پوره، گانڌي نگر جائس، ضلع اميٺي جا باني هئا. سندن وفات 22 جمادي الأخريٰ 1439ھ تي ٿي ۽ ڪين متي ذڪر ڪيل مدرسي جي صحن ۾ ڪئي وئي.

(13) حضرت شيخ رادين اسناوي بن عبدالله قدس جاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن ولادت 1281ھ ۾ ڳوٺ دماران لڳ قدس سينٽرل جاوا، انڊونيشيا جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ 25 جمادي الأخريٰ 1378ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ عالمِ ڪبير، پنهنجي دؤر جا علامہ، مسجد الحرام مڪي پاڪ جا فاضل، استاد العلماء، صوفي باصفا، آزاديءَ واري تحريڪ جا مجاهد، مدرسہ مهد اسلامي قدس جا باني ۽ جميعة نهضةُ العلماء انڊونيشيا جا رڪن هئا.

---

(i) الاصابہ، 4/3

(ii) الاصابہ، 4/260

(iii) تذڪرة الانساب، ص122، 123

(iv) گوجر خان ڪے سہروردی مشائخ ص25، 26

(v) معجم الشيوخ المسمى رياض الجنہ، ص58 تا 60

(vi) خوشاب سرزمين اولياء، ص173 تا 178

(vii) تذڪره اوليائے سندھ، ص269، 270

(viii) البدايہ والرشاد، 2/548- اسامي شيوخ البخاري للصفاني، ص172

(ix) سير اعلام النبلاء، 14/7 تا 12

(x) تذڪره علمائے اهل سنت ميانوالي، ص245، 246



# دارالافتاءِ اهلِ سنّت

مفتي ابو الحسن محمد هاشم خان عطاري مدني

## 1 چا حضرتِ ابوبكر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ صرف ظاهري خلافت ۾ ئي پهرئين نمبر تي آهن؟

**سوال:** چا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته اهڙو عقيدو رکندڙ شخص بابت چا حڪم آهي جيڪو چوي ته: ”ظاهري خلافت ۾ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ باطني خلافت ۾ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پهرئين نمبر تي آهن.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

تمام اهلِ سنّت جي مسلمانن جو ان ڳالهه تي اجماع (يعني اتفاق) آهي ته جهڙي طرح حضرت سيدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ظاهري خلافت ۾ خليفه بلا فصل ۽ سيني ڪان افضل آهن، اهڙي طرح باطني خلافت (روحانيت ۽ ولايت) ۾ به بنا ڪنهن تخصيص ۽ استثنا جي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ خليفه بلا فصل ۽ سڀ ڪان وڌيڪ افضل ۽ اڪمل آهن.

ظاهري ۽ باطني خلافت جي مذڪوره ورهاست بدعتي ماڻهن جو مذهب آهي. چارئي خلفاءِ راشدين ترتيب وار نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري توڙي باطني، ٻنهي خلافتن جا جامع هئا، ۽ ڪين اهي ٻئي خلافتون (ظاهري توڙي باطني) حاصل هيون. تنهنڪري، جيڪو شخص اهو چوي ٿو ته: ظاهري خلافت ۾ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ باطني خلافت ۾ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پهرئين نمبر تي آهن ان جو اهو قول حق جي سراسر خلاف آهي ۽ اهڙو شخص اهلِ سنّت کان خارج، گمراهه ۽ بد مذهب آهي. ان تي لازم آهي ته هو پنهنجي ان عقيدي کان توبه ڪري ٻيهر مسلڪِ حق اهلِ سنّت وجماعت کي قبول ڪري.

### هڪ شُبهي جو ازالو:

هتي هڪ نهايت ئي اهم نڪتو سمجهڻ ضروري آهي، اهو هي ته تمام اهلِ سنّت جو ان تي اتفاق آهي ته ولايت، روحانيت ۽ ربِ ڪريم جو جيڪو قُرب جناب صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي مليل آهي، اهو اعليٰ مقام، نبين ۽ رسولن عَلَیۡہِمُ السَّلَام کان پوءِ ڪنهن به انسان کي حاصل ناهي، ۽ ان ئي قُربِ الاهي ۽ معرفتِ نفسانيءَ سبب جناب صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پوريءَ امت تي افضليتِ مطلقه رکن ٿا. البت، مولاءِ مسلمين حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي هتي هڪ جزوي فضيلت حاصل آهي، جيڪا ٻين صحابن سڳورن کي حاصل ناهي، اها هيءَ ته ولايت مان مخلوق کي جيڪو فيضان ۽ هدايت پهتي ۽ جيڪو فيضان آئنده پهچندو، ان هدايت ۽ فيض جا پيشوا مولا مرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن ۽ الله پاڪ جي طرفان فيضانِ ولايت جي ورهاست پاڻ سڳورن جي ئي سپرد آهي. اها پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي هڪ خاص خوبي ۽ تمام صحابهءِ ڪرام تي جزوي فضيلت آهي، جيڪا حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي افضليتِ مطلقه جي هرگز منافي ناهي. انهيءَ

نڪتي مان اڪثر بد مذهب ماڻهو سادن سنّين کي دوکو ڏيڻ جي کوشش ڪندا آهن ته حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جناب صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان باطني خلافت ۽ قربِ الاهيءَ ۾ افضل هئا ۽ جناب ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ رڳو سياسي خليفہ هئا. انهن جو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي تڪميل ۽ ارشاد واري ان خصوصي مرتبي جي آڙ ونيو، حضراتِ شيخين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا تي افضليت ثابت ڪرڻ وارو قول قطعي باطل آهي، ڇو ته اها حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي رڳو هڪ جزوي فضيلت ۽ خصوصيت آهي، جيڪا حضرات شيخين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جي افضليتِ مطلقہ ۽ فضلِ ڪُليءَ جي ذري برابر بہ منافي ناهي. ۽ رڳو اها هڪ خصوصيت ئي ڇو! جناب علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي خصوصي فضائل ۽ ڪمالات آهن جيڪي ٻئي ڪنهن بہ صحابيءَ ۾ موجود ناهن، پر ان سڀ جي باوجود ولايت، روحانيت ۽ خداوندي قرب جو جيڪو درجو جناب صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي حاصل آهي، اهو مولا مرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بلڪ تمام صحابہءِ ڪرام کان وڌيڪ آهي، ۽ اهو ئي مدار افضليتِ مطلقہ جو اصل سبب آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## 2 احرام جي حالت ۾ مُڇون ڪٽڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته جيڪڏهن ڪنهن محرم، احرام جي حالت ۾ ڄاڻي واڻي بنا ڪنهن عذر جي پنهنجون اڌ يا پوريون مڇون ڪٽي ڇڏيون هجن ته ان لاءِ ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

احرام جي حالت ۾ ڄاڻي واڻي بنا ڪنهن شرعي عذر جي پنهنجون مڇون ڪٽڻ يا ننڍيون ڪرائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي، ۽ ان سبب هڪ "صدقو" بہ واجب ٿئي ٿو. تنهنڪري، جيڪڏهن ڪنهن محرم احرام واري حالت ۾ ڄاڻي واڻي بنا ڪنهن عذر جي اڌ يا سموريون مڇون ڪترائي ڇڏيون، تہ ان تي ان گناهہ کان سچي توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ "صدقو" ادا ڪرڻ بہ لازم ٿيندو.

**نوٽ:** صدقي جي مقدار هڪ صدقہءِ فِطر جي برابر آهي، يعني اڌ صاع (هڪ ڪلو ڏَوَ سئو ويهہ گرام) ڪڻڪ، يا ان جو اڌو يا ستو يا وري هڪ صاع (ٽي ڪلو اٺ سئو چاليهہ گرام) ڪجور، مُنقہ يا جَوَ يا انهن جو اڌو يا ستو يا انهن مان ڪنهن بہ هڪ شيءِ جي قيمت ڪنهن فقيرِ شرعي يعني زڪوات جي مستحق شخص کي ڏني وڃي. اها رقم چاهي حرم شريف ۾ ڏني وڃي يا پنهنجي وطن موٽي اچي هتان جي ڪنهن فقيرن کي ڏني وڃي، پر افضل اهو ئي آهي تہ حرم جي فقيرن کي ڏني وڃي. صدقو جتي بہ ڏنو وڃي، قيمت بهرحال ان ئي هنڌ جي حساب سان ڏيڻي پوندي جتي صدقو ادا ڪندڙ شخص ادائيگيءَ وقت خود موجود هجي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## 3 مهر ۾ چاندي مقرر ٿيل هجي تہ پوءِ ان جي عيوض پئسن سان مهر ادا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ منهنجي شاديءَ وقت هڪ سئو ٻٽيهہ (132) تولا چاندي مهر مقرر ٿيو هو، هاڻي مان چانديءَ جي بدران پئسا ادا ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ڇا ائين ڪرڻ جائز آهي؟

جيڪڏهن جائز آهي تہ پوءِ پئسا نڪاح واري وقت جي چانديءَ جي اڳهہ مطابق ڏيڻا پوندا يا موجوده اڳهہ مطابق؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پچيل صورت مطابق، جيڪڏهن اوهان چانديءَ جي بدلي روڪ پئسن ۾ مهر ادا ڪرڻ چاهيو ٿا، تہ گهر واريءَ (زال) جي رضامنديءَ سان جنهن رقم تي ٻنهي ڌُرين جو اتفاق ٿي وڃي، اها رقم ادا ڪري سگهو ٿا ڇو تہ مهر ۾ جيڪا شيءِ مقرر ٿيل هجي، پوءِ ان جي عيوض جنس مٽائي ٻي ڪا شيءِ ڏيڻ، ظاهري اعتبار کان صلح ۽ معنوي اعتبار کان بيع (خريد و فروخت) آهي، ۽ بيع ۾ ڌُرين جي پاڻ ۾ رضامندي لازمي شرط آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



آخري نبيءَ جو
پيارو معجزو

# آگريُون روشن ٿيُ ويُون

سيد عمران اختر عطاري

پيارا ہارؤ! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزن مان جتي الله پاڪ جي قدرت جون نشانيون نظر اچن ٿيون، اتي الله پاڪ جي طرفان سندن حفاظت جو خاص انتظام بہ معلوم ٿئي ٿو، ۽ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪمت ۽ رحمت جي بہ جاڻ ملي ٿي. اڄ اسين اهڙو ئي هڪ ايمان افروز واقعو پڙهون ٿا، جنهن ۾ رات جي اونداهيءَ ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواريءَ تان ڪِري پيل سامان کي آسانيءَ سان گُولڻ لاءِ، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزاتي شان سبب هڪ صحابيءَ سڳوري جون آگريون روشن ٿي ويون. واقعي جي تفصيل ڪجهہ هن ريت آهي تہ

هڪ ڀيري رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن پري پنڌ تان سفر ڪندي صحابءِ ڪرام سان گڏ مديني پاڪ موٽي رهيا هئا. واٽ تي دشمن منافقن هڪ ناپاڪ منصوبو ناهيو تہ هن رستي ۾ ڪجهہ پنڌ اهڙو بہ اچي ٿو جيڪو مٽانهينءَ تي هئڻ سان گڏوگڏ ڪافي سوڙهو بہ آهي، اتي رات جي اونداهيءَ ۾ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ان ڏاڇيءَ کي ڇرڪائيندا سين، جنهن تي پاڻ سوار هوندا، تہ جيئن (مَعاذَ الله) پاڻ سڳورا ٺڪريءَ تان هيٺ ڪري پون. پر الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن منافقن جي ان سازش کان اڳواٽ آگاهہ ڪري ڇڏيو. ان تي پاڻ سڳورن باقي سيني ماڻهن کي پهاڙ جي هيٺين، محفوظ، آسان ۽ ويڪري رستي تان وڃڻ جو حڪم فرمايو، ۽ پاڻ حضرت عمار بن ياسر ۽ حضرت حذيفہ بن يمان رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کي ساڻ ڪري پهاڙيءَ واري ان سوڙهي رستي تان روانا ٿيا.

دشمن ڪجهہ پري رهي ڪري پاڻ سڳورن جو پيڇو ڪرڻ لڳا، پوءِ هڪ هنڌ هنن حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي گهيري ۾ ونڊ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ سڳورن جي ڏاڇيءَ کي بہ ڇرڪايائون، تہ جيئن اها تيز ڊوڙي ۽ لوڏا ڏئي سوار کي ڪيرائي وجهي. رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواريءَ تان ڪجهہ سامان هيٺ ڪري پيو. حضرت حذيفہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اڳتي وڌي انهن منافقن کي اتان ڏڪڻ لڳا ۽ انهن سوارين جي ڇهرن تي ڏَڪَ هڻڻ لڳا ٻئي پاسي رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ وڌي واڪي انهن تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار فرمائي رهيا هئا جنهن مان منافق سمجهي ويا تہ اسان جو پلان رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي معلوم ٿي چڪو آهي، تنهنڪري اهي تڪڙو هيٺ لهي ويا ۽ ٻين ماڻهن ۾ رَلجي ويا.

ان ئي دوران حضرت حمزہ بن عَمرو اسلمي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بہ اتي حضورِ اڪرم جن وٽ اچي پهتا. هو فرمائن ٿا تہ جڏهن مان رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي سواريءَ تان ڪريل سامان ميڙڻ لڳس، تہ منهنجون پنجئي آڱريون روشن ٿي ويون! جن جي روشنيءَ ۾ مون چاڪ رسي ۽ جيڪو بہ سامان هيٺ ڪريو هو، سو سڀ ڳولي هٿ ڪري ورتو.

(ڏسڻ: سبل الهدى والرشاد، 5/466- سيرة الحلبيہ، 3/201)

پيارا ٻارؤ! حضرت حمزہ بن عَمرو اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي پنجن ئي آڱرين جو روشن ٿي وڃڻ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هڪ عظيم معجزو آهي. هن واقعي مان اسان کي ڪيترين ئي سنيون ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

- الله پاڪ هميشہ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حفاظت فرمائيندو آهي. منافقن نبي پاڪ کي نقصان پهچائڻ جو منصوبو بڻايو، پر الله پاڪ پنهنجي محبوب کي انهن جي منصوبي کان اڳواٽ واقف ڪري ڇڏيو، جو تہ الله پاڪ جي عطا سان پاڻ سڳورن کي غيب جون ڳالهيون معلوم هونديون هيون.
- مشڪل وقت ۾ پريشان ٿيڻ يا هٻڪڻ بدران پاڻ تي ضابطو رکڻ گهرجي ۽ حڪمتِ عملي سان ڪيائين کي منهن ڏيڻ گهرجي.

احتياط ڪندي مناسب تدبير ۽ بچاءُ جو رستو اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف نہ آهي.

- هڪ سنو اڳواڻ رڳو پنهنجي ئي نہ، پر پنهنجي ساٿين جي بہ حفاظت جو جوکو انتظام ڪندو آهي ۽ انهن لاءِ آسانيون پيدا ڪندو آهي.
- پنهنجي وڏن جي خدمت ڪرڻ ۽ سندن شين جي سار سنيال لهڻ نيڪ ۽ سعادت مند ماڻهن جو شعار هوندو آهي.
- جيڪڏهن ڪنهن مان نقصان يا تڪليف پهچڻ جو انديشو هجي تہ نهايت محتاط رهڻ گهرجي، ۽ پنهنجي بچاءَ خاطر هجوم جو سهارو وٺڻ يا نہ وٺڻ بابت دانائيءَ سان فيصلو ڪرڻ گهرجي، چوتہ ڪڏهن هجوم خطرن کان بچائيندو آهي تہ ڪڏهن وري هجوم ۾ خطرو وڌي بہ ويندو آهي.
- مصيبت ۽ ڏکئي وقت ۾ ٻين جي ڪم اچڻ تمام وڏي نيڪي آهي.
- اسان کي رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مان ڏاهپ، حڪمت حالتن مطابق درست فيصلا ڪرڻ جو سبق سکڻ گهرجي.
- روزمره جي استعمال واريون ضروري شيون بظاهر پلي ڪيترين بہ معمولي ڇو نہ هجن، پر ضرورت مهل تمام گهٽو ڪم ايندين آهن، تنهنڪري انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي، حفاظت ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن اهي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃن تہ انهن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي.



# مدني مذاکري جا سوال

## (1) لباس ۾ چَتي (پيوند) هڻڻ

سوال: ڇا لباس ۾ چَتي هڻڻ سنّت آهي؟

جواب: جي ها! لباس ۾ چٽي هڻڻ سنّتِ مبارڪ آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: لباس کي ان وقت تائين پراڻو نه سمجهو جيستائين ان تي چَتي نه هڻي ونو.“ (ديکهيو: ترمذي، 302/3، حديث: 1787) وڌيڪ اهو ته صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کان به ڪپڙن ۾ چَتي لڳائڻ ثابت آهي. (ديکهيو: مرآة المناجيح، 108/6-تاريخ ابن عساڪر، 171/59) ياد رهي ته چَتي هڻڻ کا اهڙي لازمي سنّت ناهي جنهن تي عمل نه ڪرڻ واري کي ڏوهي قرار ڏنو وڃي. اڄڪلهه حالات ايترا بدلجي چڪا آهن جو جيڪڏهن کو ماڻهو ڪپڙي تي چَتي لڳائيندو ته ممڪن آهي ماڻهو مٽس ڳالهيون ناهين ته: ”وٽس پئسو ته تمام گهٽو آهي، پر رڳو ڏيکاءَ خاطر چَتي هڻي گهمي ٿو“ تي سگهي ٿو ته ان کان علاوه به الائي ڇا ڇا چيو وڃي، جڏهن ته مسلمانن کي برائين، بدگمانين ۽ گناهن کان بچائڻ به ضروري آهي. جيڪڏهن کو شخص سنّت تي عمل جي نيت سان لباس جي ڦاٽل حصي تي چَتي هڻڻ ئي چاهي ته بهتر اهو آهي ته ڪپڙي جي اهڙي حصي تي هڻي جتي ڪنهن جي نظر نه پوي، جهڙوڪ شلوار جي ان ڦاٽل حصي تي چَتي هڻي جيڪو قميص جي هيٺان لڪي وڃي ٿو، ائين ڪرڻ سان چَتي به لڳي ويندي ۽ ڪنهن به قسم جو ڏيکاءَ به نه ٿيندو. (مدني مذاڪره، 13 محرم الحرام 1443ھ)

## (2) نظرِ بد جو اثر ڪيستائين رهي ٿو؟

سوال: نظرِ بد جو اثر ڪيتري عرصي تائين رهندو آهي؟

جواب: ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو نظرِ بد جو اثر ظاهر ئي ناهي ٿيندو، ۽ ڪڏهن وري ظاهر ٿئي به ٿو ته ترت هليو ويندو آهي، جهڙوڪ ڪنهن کان دم ڪرائي ورتو يا پاڻ ئي پنهنجو پاڻ تي دم ڪري ورتو ته ترت ئي نظرِ بد جو اثر ٽري ويندو آهي. ڪڏهن وري ائين به ٿيندو آهي جو نظرِ بد جو اثر انسان کي بيماريءَ جي بستر تي ويهاري ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن وري قبر تائين به پهچائي ڇڏيندو آهي. ان ڪري نظرِ بد جو اثر ختم ٿيڻ جو ڪو خاص وقت مقرر ناهي. (مدني مذاڪره، 13 محرم الحرام 1443ھ)

## (3) اميرِ اهلِ سنت جي بهارِ شريعت سان محبت

سوال: اوهان کي سڀ کان پهرين ”بهارِ شريعت“ سان تعارف ڪڏهن ٿيو؟

جواب: مان ان وقت ننڍو هئس ۽ ايتري سمجهه به نه هئي. اسان جي علاقي واري بادامي مسجد (اولڊ سٽي ايريا، ڪراچي) جا امام صاحب روزانو هڪ اڌ مسئلو بيان ڪندا هئا، جنهن ۾ مون کي وڏو مزو ايندو هو. هڪ پيري ظهر جي نماز کان پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ امام صاحب کان مسئلو پڇيو، ان مهل مان به پنهنجي وڏي پاءُ سان گڏ اتي امام صاحب وٽ بيٺو هيس. امام صاحب ڪنهن کي چيو ته: ”بهارِ شريعت ڪٽي اچو.“ ته هو بهارِ شريعت جو ڪو حصو ڪٽي آيا، جنهن تي هڪ دلڪش ٽائيٽل ۽ رنگين صفحو هو. امام صاحب جڏهن اهو ڪتاب کوليو ته ان ۾ ”مسئلو، مسئلو“ لکيل هو، هي ڏسي منهنجي وات ۾ پاڻي اچي رهيو هو حالانڪ ان وقت مون کي ايترو به شعور نه هو ته هي ڪتاب دڪان تان به ملي ويندو آهي! ان وقت امام صاحب ان شخص کي مسئلو ٻڌايو ۽ مون کي اهو ڪتاب ڏاڍو وٺيو، پر مان هڪ غريب گهراڻي جو ٻار هيس، ڪتاب ڪٿان خريد ڪريان ها!! پوءِ جڏهن مون کي وڌيڪ سمجهه آئي ته مون بهارِ شريعت جا 17 حصا پاڪستاني 28 رپين ۾

خريد كيا. هاڻي مون کي اهو پورو ياد ناهي ته سڄو سيٽ گڏ خريد ڪيو هو يا ڪجهه ڪجهه حصا ڪري ورتو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مون "بهارِ شريعت" مان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيو آهي، ايتري تائين جو چوڻ وارن ته ايترو مبالغو ڪري چڏيو جو چيائون: "الياس قادري بهارِ شريعت جو حافظ آهي!" حالانڪ ائين هرگز ناهي، مان نه پهريان بهارِ شريعت جو حافظ هئس ۽ نه ئي هاڻي آهيان. البت مون کي بهارِ شريعت سان گهڻي محبت آهي مان هن ڪتاب جو درس ڏيندو هئس ۽ ان درس جو اعلان پاڻ لکي، چار پنج ڪلوميٽر پنڌ ڪري اخبار جي دفتر ويندو هئس ۽ کين چوندو هئس ته هي اعلان ڇاپي چڏيو ته فلاڻي هنڌ بهارِ شريعت جو درس ٿيندو. (مدنی مذاکرہ، 2ذوالقعدة الحرام1442ھ)

## (4) هندستان ۾ بِهار جي عالمن جي بَهار

سوال: ڇا اوهان ڪڏهن "بِهار" (هندستان) ويا آهيو؟

جواب: مان اڃا تائين "بِهار" (هندستان) ناهيان وڃي سگهيو. البت مون کي اها ڄاڻ آهي ته "بِهار" سڄي هندستان کي عالم فراهم ڪندو آهي جيئن پاڪستان ۾ اڪثر حفاظ ۽ علماء پنجاب مان هوندا آهن، بلڪل ائين ئي هندستان جا تمام گهڻا عالم بِهار مان هوندا آهن. بِهار جا مسلمان علمِ دين سان گهڻي محبت ڪندا آهن ۽ پنهنجي ٻارن کي عالم ۽ امام بڻائيندا آهن. مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مفتي وقار الدين صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو تعلق به "بِهار" سان هو، مفتي عبدالحليم صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به "بِهار" جا هئا، خليفهءِ اعليٰ حضرت مفتي ظفر الدين بِهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن "صحيحُ البهاري" ۽ "حياتِ اعليٰ حضرت" جهڙا ڪتاب لکيا آهن ۽ سندن فتاويٰ جو مجموعو به ڇپيل آهي، اهي پڻ بهاري هئا. (مدنی مذاکرہ، 7ذوالحجة الحرام1442ھ)

## (5) ڇا زخمي شخص جي دعا قبول ٿيندي آهي؟

سوال: ٻڌو ويو آهي ته "جيڪڏهن ڪنهن کي ڏڪ لڳي پئي ته ان وقت دعا ڪرڻ گهرجي، جو ته ان مهل دعا قبول ٿيندي آهي." اها ڳالهه ڪيتري حد تائين درست آهي؟

جواب: قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد آهي: ﴿اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ السُّوْٓءَ﴾ ترجموڪنزالعرفان: يا اهو بهتر جيڪو مجبور جي فرياد ٻڌي ٿو جڏهن ان کي پڪاري ۽ بُرائي ٽاري ڇڏيندو آهي. (سپارو، 20، النمل: 62). يعني الله پاڪ بيوس، لاچار، مجبور ۽ مضطر (بي قرار) جي دعا اڳهائيندو آهي. ڪنهن شاعر دل تي چوٽ لڳڻ بابت ڇا ته خوب چيو آهي ته

مرنے کی طرف دیکھ نہ جینے کی طرف دیکھ
جب چوٹ لگے دل پہ مدینے کی طرف دیکھ

(مدنی مذاکرہ، 25صفر المظفر1443ھ)

## (6) خميس جي نئين چنڊ جي حقيقت

سوال: خميس جي نئين چنڊ جي ڪهڙي حقيقت آهي؟

جواب: چنڊ جي مهيني جي پهرين خميس کي "**نئون چنڊ**" چيو ويندو آهي. بزرگن وٽان ان بابت جيڪي مختلف اوراد ۽ وظائف منقول آهن ته پهرين خميس تي هي پڙهڻو آهي ۽ ٻي خميس تي هي پڙهڻو آهي، ته ان ۾ ڪو حرج ناهي، اهڙيءَ طرح ڪي ماڻهو پهرين خميس تي اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضري ڏيندا آهن، ان ۾ به ڪو حرج ناهي، جڏهن ته انهن ڪمن کي لازم يا ضروري نه سمجهيو وڃي. (مدنی مذاکرہ، 9ذوالقعدة الحرام1442ھ)

## (7) گهر وڪڻڻ وقت پڪا لاهڻ ڪيئن آهي؟

سوال: جيڪڏهن ڪنهن گهر وڪرو ڪيو ته ڇا اتي لڳل پڪا وغيره به ان شخص جي ئي ملڪيت هوندا جنهن کي گهر وڪڻي ڏنو ويو آهي؟

جواب: پڪا لاهي ڪڍي وڃڻ جو عام رواج (عرف) آهي ته جيڪو گهر وڪڻي ٿو، اهو پڪا لاهي پاڻ سان ڪڍي ويندو آهي، البت جيڪڏهن کو ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان پڪا اتي ئي ڇڏي ڏي يا گهر سان گڏ ئي ڏئي ڇڏي، ته ائين ڪرڻ به بلڪل درست آهي. (مدنی مذاکرہ، 4جمادی الاولیٰ 1442ھ)



# نياڻين کي گھر سنياڻڻ سيکاريو

اُمِ ميلاد عطاريہ

گھر جو نظام هلائڻ لاءِ وسيلن جي فراهمي مرد جي ذميواري آهي، ۽ انهن وسيلن ذريعي گھر جي معاملن کي منظم انداز ۾ ترتيب ڏيڻ عورت تي منحصر آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان هاڻي کان ئي پنهنجين نياڻين جي ان انداز سان تربيت ڪريون، جيئن اهي اڳتي هلي جنهن به گھر جي زينت بڻجن، اتي پنهنجي اخلاقي ۽ شرعي ذميواري خوش اسلوبيءَ ۽ پوري خود اعتماديءَ سان نيائي سگهن.

۽ هن ذميواريءَ کي احسن طريقي سان نيائڻ ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي، اها آهي: **”روزاني جي ڪمن کي منظم طريقي سان سرانجام ڏيڻ“**

جيڪا عورت پنهنجي روزمره جي ڪمن کي جيترو منظم انداز سان هلائڻ جاڻيندي، سندس گھر اوترو ئي نڪريل، سينگاريل ۽ پرسڪون هوندو.

تنهنڪري هڪ ماءُ کي گھرجي ته اها پٽ ۽ ڌيءُ ٻنهي کي ننڍپڻ کان ئي گھر جي ننڍن وڏن ڪمن جي عادت وجهي مثال طور: شين کي ترتيب سان رکڻ، پنهنجيون الماڑيون صاف رکڻ، پنهنجا بوٽ ۽ ڪپڑا منظم رکڻ، چانهه، لسي، شربت وغيره ناهڻ سکڻ، ننڍڙين چوڪرين کان ٿورا گھٽا ٽانوَ ڏورائڻ، هلڪو ٻُهارو ڏيارڻ ۽ ننڍا ڪپڑا جهڙوڪ ٽوپي، جراب، رومال، اسڪارف وغيره ڏورائڻ.

سبزي ناهڻ وقت کين پاڻ سان ويهارڻ گھرجي، ته جيئن پالڪ، پينڊي وغيره صاف ڪرڻ ۽ ڪٽڻ جي عادت پوي، ۽ ٿوم يا ادرڪ چلڻ ۽ پيهڻ اچي.

جڏهن چوڪريون 14 يا 15 سالن جون ٿي وڃن ته کين ڪاڏو ناهڻ سيکارڻ شروع ڪرڻ گھرجي.

اها ئي عمر هوندي آهي جنهن ۾ هر نئون ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ جو جذبو ۽ شوق هوندو آهي. نياڻين کي محبت ۽ پيار سان سمجهائڻ گھرجي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاڏلي ڌيءُ، شهزاديءِ ڪونين بي بي فاطمةُ الزهراءُ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پنهنجي گھر جا ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. ان مان معلوم ٿيو ته گھر جا ڪم ڪار پنهنجي هٿن سان ڪرڻ، ٻُهاري يا پوچو ڏيڻ کي عزت گھٽائڻ وارو ڪم ناهي، بلڪ اهو ته شهزاديءِ ڪونين جو مبارڪ طريقو آهي. جيڪڏهن اوهان سندن طريقي تي عمل جي نيت سان اهي ڪم ڪندیون ته ثواب جون به حقدار بڻجندیون.

گھر کي بغير ڪنهن ذهني دباءُ جي، آسانيءَ سان صاف ۽ منظم رکڻ لاءِ نياڻين کي هينئن ننڍين ننڍين عادتن کي مستقل اپنائڻ جو ذهن ڏنو وڃي.

(1) صبح جو اٿندي ئي سڀ کان پهرين پنهنجو بستر و درست ڪريو. يقين ڪريو ته بن منٽن جي هن معمولي ڪم سان اوهان جو ڪمرو 80 سيڪڙو صاف ستڙو نظر

اڇڻ لڳندو، جڏهن ته ورڪريل بسترو پوري ڪمري جي بي ترتيبيءَ جي علامت بڻجي ويندو آهي.

اسان جي شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جي طرفان جيڪو 63 نيڪ اعمالن جو رسالو ڏنو ويو آهي، ان ۾ هڪ نيڪ عمل اهو به آهي.

”ڇا اوهين صفائي سترائيءَ جا عادي ۽ سليقي دار آهيو؟

(2) صفائيءَ کي ٽاريندي رهڻ سان گندگي گڏ ٿي ويندي آهي ان ڪري ننڍا ننڍا ڪم ترت ڪرڻ مثال طور باٿ روم يا بورچي خاني ۾ واش بيسڻ استعمال ڪرڻ شرط ئي ان کي صاف ڪري ونڍو، بيءَ صورت ۾ پاڻي ۽ صابڻ جا داغ سڪي جَمي ويندا آهن.

(3) هر شيءِ لاءِ هڪ مخصوص جڳهه ناهڻ ته جيئن شيون وکريل نه رهن مثال طور ميرا ڪپڙا زمين يا ڪرسيءَ تي اڇلائڻ بدران ترت ئي لانڊريءَ جي ٽوڪريءَ ۾ وجهو.

(4) غير ضروري شين کي جمع ڪرڻ کان بچو ۽ باقاعدگيءَ سان شين کي الڳ ڪرڻ. هڪ اندر، هڪ باهر جو اصول اپنايو مثال طور نئون لباس، نئون بوٽ يا نئون ٽانڊ خريد ڪندي ئي هاڻ پراڻي شيءِ ڪنهن ضرورت مند کي ڏئي ڇڏيو يا ري سائيڪل ڪريو. ان سان گهر ۾ غير ضروري شين جي تعداد ناهي وڌندي. ان لاءِ گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ڊبو رکو جتي اهي شيون وجهندا وجو جيڪي هاڻي استعمال ۾ نه ٿيون اچن، جڏهن ڊبو پرجي وڃي ته ڪنهن ضرورت مند کي ڏئي ڇڏيو. اها عادت گهر کي منظم رکڻ ۾ ڏاڍي مددگار ثابت ٿئي ٿي.

(5) جيڪڏهن صرف بورچي خاني، باٿ روم ۽ صحن کي منظم ڪيو وڃي ته پورو گهر منظم نظر اڇڻ لڳندو آهي.

ان ڪري صحن، باورچي خاني ۽ گهر جي داخلي رستي جتي ڏوڙ گڏ ٿيندي رهندي آهي، روزانو هڪ ڪان ۾ پيرا ٻُهارو ڏيڻ سان گهٽ محنت سان ڪافي حد تائين صاف رکي سگهجي ٿو.

اهڙي طرح ضروري آهي ته ڪچن ۾ ماني پچائڻ سان گڏوگڏ صفائي به ڪئي وڃي مثال طور جڏهن پاڇيون اُبري رهيون هجن يا پاڇي پچي رهي هجي ته انهن ڪجهه منٽن ۾ استعمال ٿيل ٽانوَ ڏوئي ونجن ۽ ڪائونٽر صاف ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان مانيءَ کان پوءِ ٽانوَن جو جبل جهڙو ڊير گڏ نٿو ٿئي ۽ بورچي خانو صاف سترو رهي ٿو. اهڙي طرح رات جو به ٽانوَ ڏوئي واش بيسڻ (جتي ٽانوَ ڏوتا وڃن) کي بلڪل خالي ڪري ڇڏيو.

سمهڻ کان اڳ پوري گهر جو هڪ چڪر هڻو ۽ وِکريل شيون انهن جي مقرر جڳهه تي رکي ڇڏيو. ائين صبح جو هڪ منظم ۽ ترتيب ڏنل گهر اوهان جو منتظر هوندو، جيڪو اوهان کي ذهني سڪون فراهم ڪندو ۽ اوهان جي ڏينهن جي شروعات ئي صاف ۽ منظم انداز سان ٿيندي.

هڪ مسلمان عورت لاءِ شهزادي ءِ ڪونين حضرت فاطمةُ الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا بهترين نمونو (Role Model) آهن. پاڻ پنهنجي گهر جي ڪمن کي بهترين انداز ۾ منظم ڪري رکيو حالانڪ مادي اعتبار سان ان دور ۾ گهريلو ڪم ڪار ۾ آسانيءَ لاءِ اڄوڪي دور جهڙيون سهولتون به ميسر نه هيون، ان هوندي به تمام گهريلو ڪمن سان گڏوگڏ عبادت، رياضت، مڙس جي خدمت ۽ اولاد جي بهترين تربيت فرمائي.

الله پاڪ اسان کي سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

وہی ہے راہ ترے عزم و شوق کی منزل
جہاں ہیں عائشہ و فاطمہ کے نقشِ قدم

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي هيءَ تسبيح پڑهڻ جي تعليم فرمائي:

33 ڀيرا سُبْحَانَ اللّٰه، 33 ڀيرا اَلْحَمْدُ لِلّٰه، 34 ڀيرا اَللّٰهُ اَكْبَر ۽ ارشاد فرمايائون تہ: اهو توهان لاءِ خادم (نوڪر) کان وڌيڪ بهتر آهي.

(بخاری، 3/516، حدیث:5362)

هن عظيم معمول کي تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا چيو ويندو آهي. اهو تمام طريقت جي سلسلن، خصوصاً سلسلهءِ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ بہ معمول ۽ برڪت جو باعث آهي.

حضرت ملا علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مرقاةُ المفاتيح شرح مشڪاةُ المصابيح ۾ فرمائن ٿا تہ

سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي تسبيحات پڑهڻ جي تعليم فرمائي، انهن ۾ اها حڪمت بہ آهي تہ سمهڻ وقت ان تسبيح کي پڑهڻ سان ڏينهن ۾ جي ڪم ڪار جي ٿڪاوٽ، درد ۽ تڪليفون دور ٿي ويندیون آهن. (مرقاۃ المفاتیح، 5/233)

شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جي عطا ڪيل اسلامي پينرن جي 63 نيڪ اعمال مان هڪ نيڪ عمل اهو بہ آهي:

ڇا اڄ اوهان پنجن ئي نمازن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو آيةُ الكرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پڑهي؟

نيت ڪريو! نمازن کان پوءِ تسبيحات جي ان مبارڪ معمول تي عمل ڪندیون سين ۽ سمهڻ کان اڳ تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پڑهي پنهنجي دل کي ذڪرِ الٰهيءَ سان منور ڪندیون سين.









# زندگيءَ جو باغ

حاجي امين عطاري

هڪ ڏينهن بادشاهه پنهنجي ٽن وزيرن کي دربار ۾ گهرايو ۽ ٽنهي کي هڪ ٽيلهو ڏئي حڪم ڏنو ته باغ ۾ وڃو ۽ اتان منهنجي لاءِ مختلف سٹا سٹا ميوا گڏ ڪري ڪٽي اچو. وزير بادشاهه جي ان عجيب حڪم تي حيران هئا، پر چا ڪن ها، بادشاهه جو حڪم هو! تنهنڪري ٽيلها ڪٽي الڳ الڳ باغ ۾ داخل ٿي ويا. پهرئين وزير ڪوشش ڪئي ته بادشاهه لاءِ سنڊس پسند جا لذيذ ۽ تازا ميوا گڏ ڪري. جيئن ته هن ڪافي محنت ڪان پوءِ بهترين ۽ تازن ميون سان پنهنجو ٽيلهو پري ورتو.

ٻئي وزير سوچيو ته بادشاهه هڪ هڪ ميوو پاڻ ته چيڪ ڪري نه ڏسندو ته ڪهڙو آهي، ۽ نه ئي ميون ۾ فرق ڏسندو! ان ڪري هن بغير ڏسڻ جي جلدي جلدي هر قسم جا تازا، ڪچا ۽ سڙيل ميوا گڏ ڪري پنهنجو ٽيلهو پري ورتو.

ٽئين وزير سوچيو ته بادشاهه جي توجهه صرف پريل ٽيلهي تي هوندي، ان جي اندر چا آهي، اهو نه ڏسندو! اهو ئي سوچي هن ٽيلهي ۾ گاهه پنَ گند ڪچرو پري ورتو، ۽ ائين محنت ڪان بہ بچي ويو ۽ وقت بہ بچائي ورتائين.

ٻئي ڏينهن بادشاهه ٽنهي وزيرن کي پنهنجن ٽيلهن سميت دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن ٽئي دربار ۾ حاضر ٿيا ته بادشاهه ٽيلها کولي بہ نه ڏنا ۽ حڪم ڏنو ته ٽنهي کي انهن جي ٽيلهن سميت هڪ مهيني لاءِ پري ڪنهن جيل ۾ قيد ڪيو وڃي. هاڻي ان پري جيل ۾ ٽنهي وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ان ٽيلهي کان سواءِ ڪجهه بہ نه هو، جيڪو هنن باغ مان گڏ ڪيو هو!

پهريون وزير جنهن سٹا سٹا ميوا چونڊي گڏ ڪيا هئا، اهو مزي سان پنهنجي گڏ ڪيل ميون تي گذارو ڪندو رهيو، ايتري تائين جو هڪ مهينو آساني سان گذري ويو. ٻيو وزير جنهن بغير ڏسڻ جي تازا ۽ خراب سڀ ميوا گڏ ڪيا هئا، ان لاءِ تمام گهڻي مشڪل پيش آئي. ڪجهه ڏينهن ته تازا ميوا کائي ورتائين، پر پوءِ ڪچا ۽ سڙيل ميوا کائڻا پيا، جنهن ڪري اهو سخت بيمار ٿي پيو ۽ ڪيس وڏي تڪليف سهڻي پئي. ٽيون وزير جنهن پنهنجي ٽيلهي ۾ صرف گاهه پن گڏ ڪيا هئا. اهو ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ئي بک ڪان مري ويو، چو ته وٽس کائڻ لاءِ ڪجهه بہ نه هو.

## ڪهاڻيءَ مان حاصل ٿيندڙ سبق:

اسان کي پنهنجي دنياوي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي سوچ درست ڪرڻ گهرجي، چو ته انسان جهڙي سوچ رکندو آهي، عموماً اهڙا ئي فيصلا ڪندو آهي. پهرئين وزير سٹي سوچ سان محنت ڪئي ته هن بهترين ميوا گڏ ڪيا ۽ پوءِ ان جو فائدو حاصل ڪيو، جڏهن ته ٻئي ۽ ٽئين وزير جي غلط سوچ ڪين نقصان پهچايو. تنهن ڪري اسان کي بہ هر ڪم سنجيدگيءَ سان، سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي ۽ وقتي آساني يا فائدي جي خاطر غلط رستو اختيار نہ ڪرڻ گهرجي.

هن حڪايت مان اهو بہ سبق ملي ٿو ته محنت ڪان بچڻ جي ڪوشش بظاهر وقتي آرام ته ڏئي سگهي

ٿي، پر پوءِ نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ٽئين وزير محنت کان بچڻ ۽ وقت بچائڻ لاءِ ٽيلهي ۾ گاهه پنَ پري ورتا، پر اها ئي آساني اڳتي هلي ان جي هلاکت جو سبب بڻجي وئي. تنهنکري اسان کي زندگيءَ ۾ سُستيءَ کان بچڻ گهرجي ۽ کاميابيءَ لاءِ محنت، کوشش ۽ ذميواريءَ سان پنهنجا کم سرانجام ڏيڻ گهرجن.

اسان کي پنهنجي اڃوکن کمن جي مستقبل تي پوندڙ اثرن تي به غور کرڻ گهرجي. کيترائي کم اهڙا هوندا آهن جن ۾ ابتدا ۾ محنت ۽ مشقت محسوس ٿيندي آهي، پر پوءِ اها ئي محنت فائدو ڏيندي آهي. ان کري تعليم، روزگار، کاروبار ۽ زندگيءَ جي ٻين معاملن ۾ صرف ترت مليل آسانيءَ کي نه ڏسو، بلڪ سوچيو ته اسان جو اڃوکو فيصلو سڀاڻي اسان جي زندگيءَ تي کهڙو اثر وجهندو.

اسان پنهنجي عملن جي ٽيلهي ۾ ڇا گڏ کري رهيا آهيون؟ پاڻ کان پڇون ته اسان ڇا گڏ کري رهيا آهيون؟ اسان هن وقت هن باغ (يعني دنيا) ۾ آهيون، جتان اسان چاهيون ته نيڪ اعمال پنهنجي لاءِ گڏ کريون يا چاهيون ته بُرا اعمال؟

پر جڏهن حقيقي بادشاهه (الله پاڪ) جو حڪم ٽيندو، ته اسان کي پنهنجي جيل (يعني قبر) ۾ وڌو ويندو. ان جيل ۾ اسان اڪيلا هونداسين، جتي اسان سان گڏ صرف اسان جي عملن جو ٽيلهو هوندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور کريو! باغ ۾ ميوا جمع کرڻ لاءِ ٽنهي وزيرن وٽ هڪ ئي وقت، هڪ ئي باغ ۽ هڪ ئي ٽيلهو هو، پر هر هڪ پنهنجي سوچ مطابق ان کي پريو. اسان جي زندگي به کجهه اهڙي ئي آهي. الله پاڪ اسان سيني کي زندگيءَ جي هڪ محدود مدت ڏني آهي، هر ڏينهن جو هڪ ئي وقت ڏنو آهي، پر کو ان وقت کي نيڪيءَ ۾ لڳائي پنهنجي آخرت سنواري رهيو آهي، ته کو ان کي بي فائده کمن ۾ گذاري خالي هٿين ٿي رهيو آهي. ياد رکو! صرف وڏا وڏا نيڪ کم ئي اسان جي آخرت جي ٽيلهي ۾ گڏ نٽا ٿين، بلڪ اسان جون روزمره جون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون به ان ۾ شامل ٿيندیون رهنديون آهن. کنهن مسلمان ڏانهن مرکي ڏسڻ، کنهن پريشان شخص جي مدد کرڻ، کنهن جي غلطي معاف کري ڇڏڻ، ماءُ پيءُ جي دل خوش کرڻ، کنهن کي سني ڳالهه ٻڌائڻ، رستي تان تکليف ڏيندڙ شيءِ هٽائي ڇڏڻ، بلڪ کنهن کي تکليف ڏيڻ کان صرف ان کري رکجي وڃڻ ته الله پاڪ ناراض نه ٿئي. اهي سڀ اسان لاءِ نيڪيءَ جو سامان بڻجي سگهن ٿا. اهڙي طرح هڪ کوڙ، کنهن جي برائي، بلاوجه کنهن جي دل ڏکائڻ، فضول ڳالهين ۾ وقت ضايع کرڻ ۽ گناهه کي معمولي سمجهڻ به اسان جي ٽيلهي ۾ گڏ ٽيندو رهندو آهي. ان کري اسان کي صرف اهو نه ڏسڻ گهرجي ته اسان اڄ ڇا کيو؟ بلڪ اهو به ڏسڻ گهرجي ته اڄ اسان پنهنجي ٽيلهي ۾ ڇا گڏ کيو؟ جو ته ڏينهن گذرڻ سان گڏ زندگي به گهٽجي رهي آهي ۽ ٽيلهو به پرجندو وڃي پيو. سياڻي جي فکر اڄ ئي کريو هن واقعي جو ٻيو وڏو سبق اهو آهي ته انسان کي پنهنجي مستقبل جي فکر اڄ ئي کرڻ گهرجي. پهرئين وزير باغ ۾ محنت کئي، بعد ۾ ان ئي محنت کيس ڏکي وقت ۾ فائدو ڏنو. ٻئي سني ۽ بري شيءِ ۾ فرق نه کيو ته پوءِ اهي ئي بريون شيون بيماري ۽ پريشاني بڻجي ويون. جڏهن ته ٽئين محنت کان بچڻ لاءِ ٽيلهو اهڙين شين سان پري ورتو جن جو کو فائدو نه هو، پوءِ وقت اچڻ تي پنهنجي جان تان به هٿ کٽڻو پيو. اسان جي زندگيءَ ۾ به کيترائي کم اهڙا آهن جن جا فائدا ترت نظر ناهن ايندا، پر قيامت جي ڏينهن انهن جي حقيقت سامهون ايندي. ممکن آهي اڄ نماز لاءِ کاروبار ڇڏڻ، گناهه کان بچڻ، کنهن کان معافي گهرڻ، حرام کمائيءَ کان پرهيز کرڻ يا الله پاڪ جي رضا لاءِ پنهنجي خواهش ڇڏڻ اسان کي ڏکيو محسوس ٿئي، پر هي ئي اهي شيون آهن جيکي آخرت ۾ اسان جي کم ايندیون. ان جي برعکس، دنيا ۾ کجهه گناهه ڏاڍا معمولي ۽ لذيذ محسوس ٿيندا آهن، پر آخرت ۾ انهن جو وزن ڏاڍو ڳرو ٿي سگهي ٿو. ان کري هر کم کان اڳ هڪ لمحو رکجي سوچيو: "جيکڏهن اهو ئي کم منهنجي آخرت جي ٽيلهي ۾ وڌو وڃي ته ڇا مان قيامت جي ڏينهن ان کي ڏسي خوش ٿيندس؟ جيکڏهن جواب "ها" آهي ته اهو کم کري ونو، ۽ جيکڏهن جواب "نه" آهي ته اجا وقت آهي، ان کي ڇڏي ڏيو! جو ته دنيا ۾ انسان پنهنجي عملن کي بدلائي سگهي ٿو، پر جڏهن ساهه بند ٿي ويو ته پوءِ ٽيلهو بدلائڻ جو موقعو نه ملندو. اڄ دنيا ۾ نيکين سان پنهنجي نامءِ اعمال جو ٽيلهو پرڻ جيتوڻيڪ ڏکيو آهي، پر اسان جي موت کان پوءِ قبر ۽ حشر لاءِ فائدي وارو پڻ آهي. جڏهن ته گناهن سان ٽيلهو پرڻ جيتوڻيڪ آسان آهي، پر مرڻ کان پوءِ وڏي پريشاني ۽ ڏکيائي جو سبب آهي.



بارن جي لاءِ پياري حديث

# الله سان محبت ڪيو

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَحِبُّوا اللّٰهَ يعني: الله پاڪ سان محبت رکو. (ترمذي، 434/5، حديث: 3814)

پيارا بارئو! هن خوبصورت حديث مبارڪ ۾ اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي سيکاري رهيا آهن ته اسان کي پنهنجي سچي پالٹهار سان پوري دل سان محبت ڪرڻ گهرجي.

غور ته ڪيو! اسان پنهنجي پياري الله سان محبت چونه ڪريون؟ الله پاڪ ئي اسان جو سچو خالق ۽ مالڪ آهي، اسان سندس ئي ٻانها آهيون. هن ئي اسان کي پيدا ڪيو، دنيا ۾ موڪليو، اسان کي ڪو معمولي جانور نه بٹايو، بلڪ سيني کان وڌيڪ سهڻي صورت وارو انسان بنايو. ڏسڻ لاءِ اکيون، ٻڌڻ لاءِ ڪن ۽ هلڻ گهمڻ لاءِ پير بخشيا. اسان کي عقل ۽ سمجهه عطا ڪئي، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي اهڙي صلاحيت ڏني جنهن ذريعي اسان چڱي ۽ بري جي سجاڻپ ڪري سگهون ٿا ۽ ان کان علاوه هزارين قسمن جون جسماني نعمتون عنايت فرمايون. الله تعالیٰ اسان تي اجا وڌيڪ ڪرم ڪندي، انسان بنائڻ سان گڏوگڏ اسان کي "مسلمان" بٹايو ۽ پنهنجي محبوب نبي، محمد عربي اَحِبُّوا اللّٰهَ جي اُمّت ۾ شامل فرمايو.

سنا بارئو! ته پوءِ اسان ان الله پاڪ سان محبت چونه ڪريون، جنهن اسان جي خاطر چند، سج، تارا، جبل، وڻ، درياءَ، سمنڊ، ٻنيون، فصل، ميوا ۽ نه ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون خلقيون آهن! ۽ اسان رات ڏينهن انهن ئي نعمتن مان فيض ۽ فائدو ماڻي رهيا آهيون. قرآنِ پاڪ جي ڪيترين ئي مبارڪ آيتن ۾ انهن عظيم نعمتن جو ذڪر موجود آهي.

پيارا بارئو! باقي سموريون نعمتون ته هڪ پاسي رهيون، جيڪڏهن اسان رڳو هڪڙي ئي نعمت "ڪٹڪ" کي ڏسون ته عقل دنگ رهجي وڃي ٿا ته الله پاڪ هڪ ننڍڙي داڻي مان اسان جي لاءِ ڪيڏي نه عظيم نعمت خلقي ۽ ڪيئن خلقي! جيئن ته دين جا عظيم پيشوا حضرت امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا ته: ڪٹڪ جي هڪ ئي داڻي کي ڦٽائڻ لاءِ الله پاڪ ڪيڏو نه وسيع نظام حرڪت ۾ آندو آهي! انهيءَ داڻي کي متيءَ ۾ پوکيو وڃي ٿو، هوا کي هلائڻ جي لاءِ الله تعالیٰ هوائن کي حڪم فرمائيندو آهي، متيءَ کي گرم رکڻ جي لاءِ سج

کي حڪم ڏيندو آهي ۽ موسمن کي متائيندو آهي، وري ڪڪرن کي پاڻي‌ءَ سان ڀرو ڪري، هوائن جي وسيلي دور دراز علاقن تائين پهچائيندو آهي ۽ ڦڙي ڦڙي ڪري مينهن وسائيندو آهي ته جيئن وسندين ۾ ڏڪ غرق نه ٿين، جبلن ۾ پاڻي‌ءَ ذخيرو ڪندو آهي، جيڪو هوريان هوريان چشمن جي صورت ۾ ڦٽي نڪرندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي ئي حڪم سان رات جي وقت ڇنڊ جي ڏڏڙي چانڊوڪي ميون کي پچائيندي ۽ منجهن رنگ پريندي آهي. (ڏسو: احياءُ علوم الدين، 4/ 142، 143)

پيارا ٻارئو! ٿورو سوچيو ته سهي! ڪڪ جي صرف هڪ ئي ڏاڻي خاطر زمين، هوا، ڪڪر، مينهن، سج ۽ چنڊ سڀ ملي ڪري ڪم ۾ رُڌل آهن! اسان متان هي الله پاڪ جو ڪيڏو نه عظيم احسان آهي!

اسان هر گهڙي ساهه ڪٽون ٿا، هي‌ءَ اَمُلهه آڪسيجن، جيڪا اسپتالن ۾ مريضن کي هزارين ۽ لکين رپين جي خرچ کان پوءِ مس نصيب ٿيندي آهي، سا الله تعاليٰ جي ڪرم سان اسان کي وٽن جي وسيلي هوا ۾ بلڪل مفت ملي رهي آهي.

اسان اهڙي ڪرم نواز رب سان محبت چو نه ڪريون، جنهن اسان جي پيٽ لاءِ صاف ۽ ڏڏو پاڻي رکيو، کائڻ لاءِ لذيذ ۽ مختلف قسمن جا کاڌا پيدا ڪيا، پائڻ لاءِ خوبصورت ڪپڙا ۽ رهڻ لاءِ پيارو گهر عطا فرمايو، هي گهر اسان کي سيءَ، گرميءَ ۽ مينهن کان بچائي ٿو، اسان کي پيار ڪرڻ وارا ماءُ پيءُ ۽ پائر پينرون بخشيون، جيڪي هر گهڙي اسان جو خيال رکن ٿا.

سُنا ٻارئو! جنهن الله پاڪ اسان تي نعمتن جي اهڙي موسلادهار برسات وسائي آهي، ته پوءِ اسان تي به اهو حق ٻڌجي ٿو ته اسان پنهنجي ان پياري رب سان دل و جان سان محبت ڪيون، ۽ اهڙا نيڪ عمل ڪريون جن سان الله تعاليٰ ۽ سندس رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راضي ٿين.

اسان کي پنهنجن نيڪ عملن ذريعي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته اسان واقعي الله تعاليٰ سان سچي محبت رکون ٿا: پنج ئي وقت نماز پابنديءَ سان ادا ڪري، الله پاڪ سان پنهنجي محبت جو عملي ثبوت ڏيون، هر روز قرآنِ پاڪ جي تلاوت جو معمول ٻڌايون، پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڀالهه مجون ۽ دل و جان سان سندن ادَب ۽ احترام ڪريون، غريب، ضرورتمند ٻارن جي مدد ڪريون ۽ ڪنهن بکئي کي ماني کارايون. اهي سموريون ڀالهيون "**محبتِ اِلاهيءَ**" جون ئي روشن نشانيون آهن. اهڙيءَ طرح الله پاڪ جي نافرمانين ۽ ٻين سڀني گناهن وارن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ به محبتِ الاهيءَ جي ئي هڪ اهم نشاني آهي. جڏهن اسان اهي نيڪ ڪم ڪنداسين ۽ برن ڪمن کان پاڻ کي بچائينداسين، ته اسان جو پيارو الله اسان کان راضي ٿيندو ۽ اسان کي دنيا توڙي آخرت ۾ تمام وڏي انعام سان نوازيندو، اِن شآءَ الله!

الله پاڪ اسان کي پنهنجي سچي ۽ پُراخلاص محبت عطا فرمائي. آمين!



# عـزّت مسلـم جي حفاظت جو انعام

مولانا ناصر جمال عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ رَدَّ عَنْ عِرْضِ اَخِيهِ الْمُسْلِمِ كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ اَنْ يَّرُدَّ عَنْهُ نَارَ جَهَنَّمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني جنهن پنهنجي مسلمان ياءُ جي عزت بچائي الله پاڪ اُن کي قيامت جي ڏينهن جهنم جي باھ کان بچائيندو.(1)

## عزت بچائڻ مان مراد

مسلمان جي عزّت بچائڻ مان مراد هي آهي تہ ان جي غيبت کرڻ، عيب لڳائڻ ۽ تکليف پهچائڻ واري کي روکڻ يا ان جو دفاع کرڻ آهي، ۽ اهو دفاع ان کي جهنم مان نجات ڏيارينڊو. ان جو سبب اهو آهي تہ عزّت رت وانگر آهي، لهٰذا عزّت پامال کرڻ رت وهائڻ ۽ عزّت بچائڻ رت بچائڻ وانگر آهي. (2)

معاشري جي ترقي ۽ بقا لاءِ امن و امان ضروري آهي ۽ ان جو حصول هڪ ٻئي جي حقن جي حفاظت کرڻ کان بغير ممڪن نہ آهي، اهوئي سبب آهي جو الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق تلفيءَ تي وعيدون بيان کري ان کان روکيو، حقن جي حفاظت جي تاکيد کئي ۽ ان کي پورو کرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌائي آهي، انهن مان هڪ حديث هي بہ آهي، اچو! هن اهم ترين حديث کي وڌيڪ سمجهون ٿا:

(1) **اسلامي ڀائيچاري ۽ ان جا تقاضا:** هن حديث ۾ "پنهنجي مسلمان ڀاءُ" جو لفظ آيو آهي جيڪو احترامِ مسلم جو احساس ڏياري ٿو، ۽ هن حقِ ڀائيچاري کي ادا کندي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزّت جو دفاع کرڻ تي جهنّم مان نجات کي بطورِ انعام ۽ بشارت ذکر کيو ويو آهي. اسلامي ڀائيچاري جي فضيلت ۽ تقاضن تي کجهہ احاديث پڙهون ٿا:

(1) حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، رسولِ کرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي، هو ان تي ظلم نہ کري ۽ نہ ان کي رُسوا کري، جو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري کرڻ ۾ مشغول رهي تہ الله پاڪ ان جي ضرورت پوري کري تہ ۽ جيڪو شخص کنهن مسلمان کان مصيبت کي دور کري تہ تہ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي آزمائشن مان کا مصيبت دور فرمائيندو ۽ جيڪو شخص کنهن مسلمان جو پردو رکي تہ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان جو پردو رکندو.(3)

(2) حضرت نعمان بن بشير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سڀ مسلمان هڪ فرد جيان آهن، جڏهن ان جي اک ۾ تکليف ٿئي تہ سڄي جسم ۾ تکليف ٿيندي ۽ جيڪڏهن مٿي ۾ سور هجي تہ سڄي جسم ۾ سور ٿيندو (4).

(3) حضرت ابو موسىٰ اشعري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولِ کرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ مسلمان ٻئي مسلمان لاءِ عمارت وانگر آهي جنهن جو کجهہ حصو کجهہ کي مضبوط کندو آهي.(5)

(2) **جهنم کان بچائڻ وارو عمل:** زبان جيتوڻيڪ ننڍي هوندي آهي، حرڪت ڏيڻ ۾ عام طور تي کا مشقت ۽ تکليف کٹڻي ناهي پوندي، پر ان جي ذريعي نافرماني وڏي ٿيندي آهي، جسم جي ٻين حصن جي مقابلي ۾ زبان جو اثر وڏيڪ آهي، عموماً وڏيڪ

گناھ ۾ ان مان ئي سرزد ٿيندا آھن، فتني فسادن جو زياده تر دارومدار ۾ زبان تي آھي، تڪليف ڏيڻ ۾ سڀ کان وڏو هٿيار زبان ئي آھي. جيئن زبان سان ڪافي گناھ ڪيا ويندا آھن اھڙي طرح ان سان تمام گھٽيون نيڪيون ۾ ڪري سگھجن ٿيون، انهن ئي نيڪين مان ھڪ تمام وڏي نيڪي زبان جي ذريعي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزّت جي حفاظت ڪرڻ ۾ آھي، زبان جو ھي اھو عمل آھي جيڪو اسان کي جهنم مان نجات ڏيارينڊو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## مسلمان جي عزّت جي حفاظت ڪيئن ڪريون؟

جهنم کان نجات تمام وڏو انعام آھي، انعام وڏو هجي ته ان جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۾ وڌيڪ ڪرڻي پوندي آھي، تہ اچو! ان سلسلي ۾ ڪجھ اھڙا اصول مقرر ڪريون ٿا جن کي اپنائي اسان مسلمانن جي عزّت جي حفاظت ڪري سگھون ٿا:

(1) **مسلمان ڀاءُ جي برائي نہ ٻڌڻ جو عهد ڪريو:** الله ڪريم اسان کي چٽان کان مضبوط ۽ جبلن کان بلند عزم جي نعمت سان نوازيو آھي، جيڪڏھن اسان ڏکئي کان ڏکيو ڪم ڪرڻ جو پختو ارادو ڪري وٺون ۽ الله جي رحمت شاملِ حال هجي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اھو ڪم ٿي ويندو آھي. پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي برائي نه ٻڌڻ جو پختو عزم هجي ته پوءِ اھڙي نازڪ موقعي تي شرم ۽ جهجڪ رڪاوٽ ناھي بنجندي ۽ ڪنهن جو رعب ۽ دٻدٻو طاري ناھي ٿيندو ۽ ڪنهن جي بدزبانيءَ جو خوف يا ملامت جو ڊپ آڏو ناھي ايندو. جيڪڏھن ڪٿي وڌيڪ ڏکي صورتحال ٻڌجي ۽ پوي ته اھو ئي پختو عزم حڪمتِ عمليءَ تي ٻڌل ڪيئي رستا ڏيکارينڊو آھي، اھڙي هر موقعي تي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اھو واقعو نظر ۾ رھڻ گھرجي. جيئن ته ھڪ موقعي تي پاڻ ماڻھن کان پڇيائون: جڏھن توھان ڪنهن (بدزبان) کي پنهنجي ڀاءُ جي عزّت خراب ڪندي ڏسندا آھيو تڏھن توھان کي ڇا ٿي ويندو آھي جو ان کي روڪيندا ناھيو؟ ماڻھن عرض ڪيو: اسان ان جي زبان کان ڊڄندا آھيون. فرمايائون: اھو وڌيڪ قريب آھي جو توھان (قيامت جي ڏينهن) گواھيءَ جي لائق نہ رھو. (6)

(2) **خاموش تائيد ۽ هرگز نہ ڪريو:** اگر ڪنهن مسلمان جي غيبت وغيره ڪئي وڃي رھي هجي ته اھڙي موقعي تي مسڪرائڻ يا خاموش رھڻ ۽ ھڪ طرح جي تائيد جي صورت آھي جيڪا سامھون واري جي ان ڪبيره گناھ تي حوصلہ افزائيءَ جو ذريعو بڻجي ٿي. اھڙي موقعي تي ستوسنئون روڪڻ ممڪن نه هجي ته ناگواريءَ جو تاثر ظاھر ڪرڻ مسلمان جي عزّت بچائڻ ۽ هلڪي ڪاله ڪرڻ واري کي روڪڻ جو ذريعو بڻجي ويندو آھي.

(3) **موضوع بدلائي ڇڏيو:** ڪنهن فرد جي غيرموجودگيءَ ۾ "غائبانہ اصلاح" جو خوبصورت عنوان ڏئي ان جي غيبت، عيب جوئي يا تهمت وغيره جھڙا زباني گناھ ڪيا ويندا هجن ته اھڙن گناھن جي تسلسل کي ٽوڙڻ جي لاءِ حڪمت ۽ دانائيءَ سان موضوع بدلائي ڇڏڻ تمام مفيد رھندو آھي. اھڙي صورتحال ۾ ماڻھن کان اھو بدترين موضوع ڇڏارائڻ لاءِ ذڪرِ خدا و مصطفىٰ ڪرڻ، بزرگانِ دين جا فرامين يا واقعا ٻڌائڻ، ماڻھن جي ذاتي مشاھدي، مطالعي ۽ تجربي بابت پڇڻ يا ٻڌائڻ، خوش طبعيءَ تي ٻڌل ڪا سبق آموز حڪايت ٻڌائي ڇڏڻ ماحول کي خوشگوار بڻائڻ جو ذريعو آھي.

(4) **سمجھائڻ سکي وٺو:** ڪڏھن، ڪٿي، ڇا ۽ ڪيئن ڪاڻهائڻو آھي؟ اھو اچي وڃي ته زندگي پُرسڪون ۽ معاشري جو ماحول خوشگوار ٿي ويندو آھي، دعوتِ اسلامي ان حوالي سان اعليٰ ترين درسگاھ آھي جتان لاتعداد ماڻھن سمجھائڻ سکيو آھي ۽ ھاڻي اھي پوري دنيا لاءِ باعثِ خير بڻيل آھن. اھو سڀ ٻڌائڻ جو مقصد اھو آھي ته توھان ۾ عزّتِ مسلم جي حفاظت ڪرڻ جو عزم ڪري چڪا آھيو ته دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي سمجھائڻ جو هنر ۽ سکي وٺو، هي اھا صلاحيت آھي جيڪا توھان کي دين ۽ دنيا ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ڪرائڻ جو ذريعو ثابت ٿيندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم

---

(1) مسند احمد، 45/524، حديث: 27536 (2) فيض القدير، 6/175، شرح المصابيح لابن ملک، 5/306، المفاتيح، 5/226، دليل الفالحين، 4/354 (3) بخاري، 2/126، حديث: 2442 (4) مسلم، ص1071، حديث: 6588 (5) مسلم، ص1071، حديث: 6585 (6) جامع معمر بن راشد مع مصنف عبدالرزاق، 10/189، حديث: 20429۔



رسول الله ﷺ جون غذائون

# سَهِي جو گوشت
## (Rabbit Meat)

اويس يامين

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ بڪري، دنبي، اُٺ، سَهي، ڪڪڙ، پٽير ۽ مڇيءَ جو گوشت تناول فرمايو آهي. اچو! سَهي جي گوشت متعلق روايتون ۽ فائدا وغيره ملاحظ فرمايون ٿا:

### حضور ﷺ خرگوش جي ران جو گوشت قبول فرمايو:

حضرت انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: اسان مرالظهران جي مقام تي سَهِي کي ڊوڙندي ڏٺو، ته ماڻهن ان کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ماڻهو ٽڪجي پيا. مون ان کي ڏٺو ته پڪڙي ورتم. مان ان کي حضرت ابو طلحہ رضی اللہ عنہ وٽ کڻي آيس، ته انهن ان کي ذبح ڪيو ۽ حضور اڪرم ﷺ ڏانهن ان جي سرين يا ران جو گوشت موڪليو. راوي فرمائن ٿا: ان جي ران جو گوشت موڪليو ۽ ان ۾ کو شڪ ناهي جو رسولِ ڪريم ﷺ ان کي قبول فرمايو. مون پڇيو: رسول الله ﷺ ان مان کاڌو هو؟ ته راوي فرمائن ٿا ته نبي ڪريم ﷺ ان مان کاڌو هو، پوءِ بعد ۾ چيائون ته قبول فرمايو هو. (2)

مرالظهران حرمين شريفين جي وچ ۾ مڪ معظم جي قريب هڪ بستي آهي جتي حضرت انس رضی اللہ عنہ سَهو زنده پڪڙي ورتو هو (۽ مذكوره واقعو پيش آيو). (3)

### حضور ﷺ جن حضرت عائشہ رضی اللہ عنہا کي سَهي جو گوشت کارايو:

اُمّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون ته: حضور اڪرم ﷺ جي دربار اَقدس ۾ سَهو تحفي طور موڪليو ويو. ان وقت مان سُتل هيس، پاڻ ﷺ ان جو پويون حصو (يعني ران جو گوشت) منهنجي لاءِ رکي ڇڏيو. جڏهن مان جاڳيس ته پاڻ سڳورن ﷺ اهو مون کي کارايو. (4)

حضرت محمد بن صفوان رضی اللہ عنہ بيان فرمائن ٿا ته هو ۽ سَها هٽ ۾ لٽڪائي رسولِ ڪريم ﷺ وٽان گذريا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله ﷺ! مون اهي ۽ سَها شڪار ڪيا آهن، پر مون کي اهڙي کا لوهه جي شيءِ (ڇُري وغيره) نه ملي سگهي جنهن سان مان انهن کي ذبح ڪري سگهان، تنهنڪري مون انهن کي هڪ اڇي (تيز ڌار) پٿر سان ذبح ڪيو آهي، چا مان انهن

کي کائي سگھان ٿو؟ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: کائي ونو.(5)

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ اعرابي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ هڪ پُڳل سهو، چَنٽي ۽ سَالن کڻي آيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان رکيائين. تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پاڻ تناول فرمائڻ کان پاسو ڪيو (يعني پاڻ نہ کاڌائون) ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم کي حڪم فرمايائون تہ اهي کائي ونن. (6)

رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سَهِي جو گوشت تناول فرمائڻ جي باري ۾ محققين جو ڪجهہ اختلاف آهي، پر علماءِ ڪرام ۽ فقهاءِ احناف جو واضح ۽ دلائل سان موقف اهو ئي آهي تہ رسول اللہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سَهِي جو گوشت تناول فرمايو آهي. جيئن تہ فقہ حنفيءَ جي مشهور ۽ معروف ڪتاب "الهداية" ۾ درج آهي: سَهي جو گوشت کائڻ ۾ ڪو حرج ناهي، چوتہ جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پُڳل سَهو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان مان به تناول فرمايو ۽ پنهنجي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم کي به ان مان کائڻ جو حڪم ڏنائون. (7)

## سَهِي جي گوشت جا فائدا:


۞چيو وڃي ٿو تہ سَهِي جي گوشت جو مزاج گرم ۽ خشڪ آهي. ۞سَهِي جو گوشت هلڪو، نمڪين ۽ لذيذ ٿيندو آهي. ۞سَهِي جي گوشت ۾ وٽامن، پروٽين ۽ غذائيت بڪريءَ جي گوشت کان به وڌيڪ ٿئي ٿي. ۞ هڪ تحقيق موجب سي کان وڌيڪ پروٽين سَهِي جي گوشت ۾ موجود آهي، جيڪا 33 سيڪڙو آهي. ۞سَهِي جو گوشت جلدي هضم ٿيندڙ گوشت آهي. ۞سَهِي جو گوشت ساهہ جي تڪليف ۾ فائديمند آهي. ۞جگر جي بيمارين ۾ سَهِي جو گوشت کائڻ ڏاڍو مفيد آهي. ۞ سَهِي جي گوشت ۾ آئرن جي مقدار وڌيڪ ٿئي ٿي، جيڪا رت جي ڪمي (انيميا) جي مريضن لاءِ اهم آهي. ۞سَهِي جو گوشت حاملا عورتن جي صحت لاءِ فائديمند آهي. ۞سَهِي جو گوشت بلڊ پريشر کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو، جيڪڏهن بلڊ پريشر جا مريض گوشت ۾ سَهِي جو استعمال ڪن تہ ان بيماريءَ تي قابو حاصل ڪري سگهجي ٿو. ۞سَهِي جي گوشت ۾ ميگنيشيم ملي ٿو، جيڪو مدافعتي نظام ۽ بيمارين سان وڙهڻ لاءِ ڏاڍو فائديمند آهي. سَهِي جو گوشت جسم مان صفراوي مادن جي اخراج کي وڌائيندو آهي.(8)

**ضروري نوٽ:** سمورا مريض پنهنجي معالج (يعني ڈاڪٽر يا حڪيم) جي مشوري سان ئي استعمال ڪن. هن مضمون جي طبي تحقيق ۽ تصديق حڪيم رضوان فردوس عطاريءَ ڪئي آهي.

(1) دیکھیے: سیرتِ مصطفیٰ، ص586 (2) بخاری، 2/167، حدیث:2572 (3) دیکھیے: مراٰۃ المناجیح، 5/661 (4) دار قطنی، 5/524، حدیث: 4788 (5) ابن ماجہ، 3/587، حدیث:3244 (6) دیکھیے: مسند امام احمد بن حنبل، 14/154، حدیث:8434 (7) ھدایہ، جز4، 2/352 (8) مختلف ویب سائٹ سے ماخوذ۔

## ہفتہ وار رسائل کی کارکردگی
### (اگست 2026ء)

شیخِ طریقت، امیرِ اہلِ سنّت حضرت علّامہ مولانا محمد الیاس عطّار قادری دامت بَرَکاتُہمُ العالیہ ہر ہفتے ایک مدنی رسالہ پڑھنے / سننے کی ترغیب دلاتے اور پڑھنے / سننے والوں کو دُعاؤں سے نوازتے ہیں۔ اگست 2026ء میں دیے گئے 4 مَدَنی رَسائل کے نام اور ان کی کارکردگی پڑھیے: 1 اللہ والوں کے 12 واقعات (قسط:1): 14 لاکھ، 93 ہزار 648 2 امام غزالی کی سنہری باتیں (قسط: 02): 14 لاکھ، 92 ہزار 628 3 اچھا بولنے سننے کے فائدے: 14 لاکھ، 84 ہزار 815 4 اربعینِ عطّار (قسط:4): 16 لاکھ، 44 ہزار 665۔



# رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم (قسط ١)

## جي ويهڻ جو مبارڪ انداز

مولانا فرمان علي عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگيءَ جو هر پهلو اسان لاءِ رهنمائيءَ جو سرچشمو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هلڻ، پهرڻ، اٿڻ، ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ، گفتگو فرمائڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ جلڻ، الغرض زندگيءَ جو ڪو به گوشو اهڙو ناهي جنهن ۾ امت لاءِ درس موجود نه هجي. اهوئي سبب آهي جو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم نه صرف پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشادات مبارڪ کي ياد رکيو بلڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري ويهڪ، نشت و برخاست (ويهڻ اٿڻ) ۽ روزاني معمولات کي به نهايت اهتمام سان محفوظ فرمائي ماڻهن تائين پهچايو. جڏهن اسين رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويهڻ جي انداز جو مطالعو ڪريون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مختلف موقعن تي مختلف اندازن ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا. جنهن مجلس ۾ جتي جاءِ ملندي هئي، اتي ئي ويهي رهندا هئا. ويهڻ جي انهن مختلف اندازن ۾ نه تڪبر هو، نه بناوٽ ۽ نه ئي دنياوي جاهه و جلال يا شان و شوڪت جو ڪو اثر، بلڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشست بي مثال عاجزي ۽ سادگي جي آئينہ دار هوندي هئي.

اچو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويهڻ جا چند مبارڪ انداز ملاحظ فرمايو:

### ويهڻ لاءِ ڪا ممتاز جاءِ مقرر نه فرمائيندا هئا:

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نشست و برخاست (اٿڻ ويهڻ) پاڻ سڳورن جي بي مثال عاجزي ۽ سادگيءَ جي آئينہ دار هوندي هئي. الله پاڪ جو محبوب ۽ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو سردار هجڻ باوجود پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجلس ۾ پنهنجي لاءِ ڪا ممتاز يا خاص جاءِ مقرر نه فرمائيندا هئا. صحابہ ڪرامن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي وچ ۾ اهڙي طرح گڏجي ويهندا هئا جو باهران ايندڙ شخص پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الڳ سان سجاڻي ۾ نه سگهندو هو، چوته پاڻ جڏهن صحابہ ڪرام جي وچ ۾ تشريف آڻيندا هئا ته ڪنهن خاص يا ممتاز جاءِ تي نه ويهندا هئا.(1)

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري اسان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مسجد ۾ وينل هئاسين ته هڪ شخص اٺ تي سوار ٿي آيو، صحابہ ڪرام کان پڇيائين: "اوهان مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪير آهن؟" ان وقت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابن جي وچ ۾ ٽيڪ لڳائي تشريف فرما هئا. اسان چيو: "هي اڇي رنگت وارا شخص، جيڪي ٽيڪ لڳائي وينل آهن."(2)

غور ڪريو! جنهن ذاتِ اقدس لاءِ ڪروڙين دليون عقيدت ۽ محبت سان سرشار آهن، جيڪي مالڪِ ڪونين ۽ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا سردار هجڻ باوجود نه نمايان تخت و تاج رکندا هئا، نه شاهاڻه پوشاڪ زيبِ تن فرمائيندا هئا ۽ نه ئي مجلس ۾ پنهنجي لاءِ ڪا ممتاز جاءِ مقرر فرمائيندا هئا. انهيءَ ئي سادگيءَ کي ڏسي هڪ اجنبي شخص پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجاڻي نه سگهيو ۽ ڪيس پڇڻو پيو: "اوهان مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪير آهن؟"

## جتي جاءِ ملندي هئي، اتي ئي ويهي رهندا هئا:

نبي پاڪ ﷺ ٻين جا حق ۽ معاشرتي آداب ملحوظ رکندي مجلس ۾ تشريف آوريءَ وقت ڪنهن کي اڳيان پنهنجي لاءِ جاءِ بنائڻ يا ڪنهن لاءِ تنگي پيدا ڪرڻ بدران جتي جاءِ ملندي هئي، اتي ئي تشريف فرما ٿي ويندا هئا.

حضرت حسن بن علي رضی اللہ عنہما فرمائن ٿا ته مون پنهنجي مامون جان هند بن ابي هالہ کان رسول الله ﷺ جي مجلس بابت پڇيو ته هنن فرمايو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي نشست و برخاست (اٺڻ ويهڻ) هميشہ ذڪرِ الٰهيءَ تي هوندي هئي ۽ مجلس ۾ پهچندا هئا ته جتي جاءِ ملندي هئي اتي ئي ويهي رهندا هئا ۽ ٻين ماڻهن کي به اهڙي طرح ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا. (3) هڪ موقعي تي ماڻهن کي ويهڻ جو ادب سيکاريندي فرمايائون: ڪوبہ شخص مجلس مان ڪنهن کي اڳاري پاڻ ان جي جاءِ تي نہ ويهي.(4)

معلوم ٿيو ته مجلس ۾ ٻين جي حق ۽ آرام جو لحاظ رکڻ به حسن معاشرت جو اهم حصو آهي. رسولِ اڪرم ﷺ پنهنجي عمل ۽ ارشاد ٻنهي ذريعي امت کي اهو سيکاريو ته مجلس اها ئي خوبصورت آهي جتي هر شخص ٻئي جي حق ۽ راحت جو خيال رکي.

## قبلہ رُخ ويهندا هئا:

رسولِ اڪرم ﷺ جي مبارڪ اندازِ نشست (ويهڻ جي انداز) مان هڪ نمايان انداز اهو به هو ته پاڻ عموماً قبلي ڏانهن منهن ڪري تشريف فرما ٿيندا هئا. (5)

اسان کي به جڏهن موقعو ملي ۽ ڪا رڪاوٽ نہ هجي ته نبي پاڪ ﷺ جي ان پياري سنت تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خصوصاً تلاوتِ قرآنِ پاڪ، ديني مطالعي، تصنيف و تاليف، دعا ۽ اذڪار ۽ درود و سلام پڙهڻ وقت قبلہ رُخ ويهڻ گهرجي، ڇو ته قبلہ رُخ ويهڻ ۾ قبلي جي تعظيم و تڪريم آهي ۽ ان ڏانهن متوجهہ ٿي ويهڻ خير و برڪت جو باعث آهي.

قبلہ رُخ ويهڻ جي فضيلت بابت مصطفيٰ ﷺ جا ٿي فرامين ملاحظہ فرمايو:

(1) مجلسن مان سڀ کان مُڪرّم (يعني عزّت واري) مجلس اها آهي جنهن ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪيو وڃي .(6)

(2) هر شي لاءِ شرف (يعني بزرگي) آهي ۽ مجلس (يعني ويهڻ) جو شرف اهو آهي ته ان ۾ قبلي جي طرف منهن ڪيو وڃي. (7)

(3) هر شي لاءِ سرداري آهي ۽ مجلسن جي سرداري ان ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ آهي. (8)

## مجلس ۾ پير نہ ڊگهيڙيندا هئا:

نبي ڪريم ﷺ جي ويهڻ جي اندازن مان اهو به هو ته پاڻ پنهنجي هم مجلسن (سان گڏ ويٺلن) جي اڳيان پير ڊگهيڙي تشريف فرما نہ ٿيندا هئا. حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته رسولُ الله ﷺ کي پنهنجي صحابن جي وچ ۾ ڪڏهن به پير پکيڙي ويٺل نہ ڏٺو ويو.(9)

رسولُ الله ﷺ پنهنجي هم مجلسن جي اڳيان پنهنجا پير نہ ڊگهيڙيندا هئا، بلڪ انهن جي تعظيم و تڪريم جي پيشِ نظر ايئن ڪرڻ کان پرهيز فرمائيندا هئا. (10)

هن مان معلوم ٿيو ته مجلس ۾ ويهڻ وقت پاڻ سان گڏ ويٺلن جي ادب ۽ احترام جو خيال رکڻ گهرجي ۽ بلا ضرورت انهن جي اڳيان پير ڊگهيڙڻ کان بچڻ گهرجي. بالخصوص علماءِ ڪرام، والدين، استادن ۽ وڏن جي مجلس ۾ ان ادب جو وڏيڪ اهتمام ڪرڻ گهرجي. (جاري آهي)

(1) دیکھئے: ابو داؤد، 4/297، حدیث: 4698 (2) دیکھئے: بخاری، 1/39، حدیث: 63 (3) الشمائل المحمدیۃ للترمذی، ص 191، حدیث: 319 (4) بخاری، 4/179، حدیث: 6270 (5) احیاء العلوم، 2/449 (6) معجم اوسط، 6/161، حدیث: 3861 (7) معجم کبیر، 10/320، حدیث: 10781 (8) معجم اوسط، 2/20، حدیث: 2354 (9) ترمذی، 4/221، حدیث: 2498 (10) شرح الطیبی، 11/37




# حضرت سيّدنا زُبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ چون ٿا تہ هڪ پيري مون ڪجهہ ماڻهن سان گڏ وقت گذاريو تہ انهن حضرت علي، حضرت طلحہ ۽ حضرت زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم بابت گفتگو شروع ڪري ڏني، منهنجي وات مان حضرت زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خلاف ڪجهہ ڪلمات نڪري ويا. رات جو جڏهن مان سمهيس تہ خواب ۾ ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ تمام وڏي صحرا ۾ آهيان، اتي ڪيئي ماڻهو موجود هئا، انهن جا جسم انسانن جهڙا هئا پر مٿا ڪتن وانگر هئا، هر شخص جو هڪ طرف جو هٿ ۽ پي طرف جو پير ڪٽيل هو، انهن ۾ هڪ شخص اهڙو به هو جنهن جا چارئي هٿ پير ڪٽيل هئا، ان کان وڌيڪ وحشت ناڪ منظر مون ڪڏهن نه ڏٺو هو. مون تي رعب ۽ گهبراهٽ طاري ٿي وئي، آخرڪار مون همت ڪري ڪنهن کان پڇيو: اهي ماڻهو ڪير آهن؟ تہ چيو ويو: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي شان ۾ گستاخيون ڪندا آهن ۽ انهن مقدس حضرات کي گاليون ڏيندا آهن. مون ٻيهر پڇيو: چارئي هٿ پير ڪٽيل شخص جو ڪهڙو معاملو آهي؟ ٻڌايو ويو: حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بابت بڪواس ڪرڻ ۾ اهو شخص سڀ کان اڳيرو هوندو هو. پوءِ مون کي پري هڪ دروازو ڏسڻ ۾ آيو تہ مان ان دروازي ۾ داخل ٿي ويس، اندر هڪ مٿاهين جاءِ نظر آئي، مان ان تي چڙهيس تہ اتي هڪ نوراني مجلس سَجيل هئي، وچ ۾ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جلوه فرما هئا. مان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قريب آيس ۽ دستِ اَنور پنهنجي هٿ ۾ ونڊ چاهيم تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم پنهنجو دستِ انور ڦهلائي سختيءَ سان منهنجو هٿ ڏنايو ۽ فرمايائون: تو زبير جي باري ۾ جيڪو چيو هو، ان کي ٻيهر چوندين؟ بزرگ عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان هاڻي اهڙي ڪا به ڳالهہ ٻيهر نہ چوندس. نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پويان ٻيئل هڪ شخص کي فرمايو: اي زبير! هي چئي رهيو آهي تہ هاڻي ٻيهر ائين نہ ڪندو، توهان ڪيس ڪجهہ تلقين ڪريو. حضرت زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان تلقين ڪري چڪا آهيو. اهي بزرگ چون ٿا: پوءِ مون رسولُ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دستِ انور کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ دست بوسي ڪيم ۽ روئڻ لڳس، پوءِ دستِ انور پنهنجي سيني سان لڳايم، ان کان پوءِ منهنجي اک کلي وئي تہ دستِ انور جي ٺڏاڻ پنهنجي ٻنيءَ تي محسوس ڪري رهيو هيس.(1)

پيارا اسلامي پائرو! بي شمار ڪمالات ۽ اعزازات رکندڙ، عشره مبشّره ۾ شامل صحابي حضرت سيّدنا زبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو شمار رسولُ اللّٰہ

ﷺ جي نهايت ئي پيارن ۾ جان نثار صحابن ۾ ٿئي ٿو.

**والهانہ محبت جو هڪ انداز:** هڪ پيري مڪي ۾ رات جي وقت فضائن ۾ هڪ آواز ايريو: محمد (ﷺ) کي شهيد ڪيو ويو آهي. اهو ٻڌي حضرت زبير فوراً تلوار کڻي گهر مان نڪري پيا. رستي ۾ پياري آقا ﷺ سان ملاقات ٿي ته سرڪار دو عالم ﷺ سبب پڇيو: ڇا ٿيو؟ حضرت زبير عرض ڪيو: مون اهو ٻڌو هو ته اوهان کي شهيد ڪيو ويو آهي. پڇا فرمايائون: ان صورت ۾ تنهنجو ڇا ڪرڻ جو ارادو هو؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ جي قسم! منهنجو اهو ارادو هو ته ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ کان بغير اهلِ مڪ سان جنگ ڪريان. هڪ روايت ۾ آهي ته هيئن عرض ڪيائين: منهنجو ارادو هو ته جنهن کي پڪڑيان ان جي ڪچي اڏائي چڏيان. اهو ٻڌي محبوبِ رحمان ﷺ جن ڪين سيني سان لڳايو، پنهنجي چادر مبارڪ عطا فرمائي ۽ پنهنجي دعائن سان به نوازيو .(2)

**حليو مبارڪ:** حضرت زُبير بن عَوّام رضی اللہ عنہ جون اکيون نيريون ڪلها ٿورا جهڪيل، رنگت گندمي (۽ هڪ روايت ۾ گوري) هئي، جڏهن ته قد مبارڪ ڏگهو هو. (3) وار مضبوط، وڏا ۽ گهاٽا هئا پر ڳلن تي ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي نه هئي، حيرت ته ان تي هئي جو پاڻ رضی اللہ عنہ جا وار آخري عمر تائين بالڪل اڇا نه ٿيا.(4)

**قبولِ اسلام ۽ چاچي جا مظالم:** هڪ روايت موجب پاڻ ارڙهن ورهين جي عمر ۾ اسلام آڻي ايمان جي نور سان منوّر ٿيا ته پاڻ رضی اللہ عنہ جو چاچو اهو گوارا نه ڪري سگهيو ۽ ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي اهو ارادو ڪري ويٺو ته پاڻ رضی اللہ عنہ کان نئين دين کي چڏرائي پهرين پنهنجي آبائي دين ڏانهن موٽي اچڻ تي مجبور ڪندو. ان پاڻ کي هڪ چٽائيءَ ۾ لپيٽيو، پوءِ رسيءَ سان ٻڌي لٽڪائي چڏيو ۽ هيٺان کان دونهون ڏيڻ لڳو ته جيئن پاڻ دين اسلام کان ڦري وڃن، سندس چاچو پاڻ رضی اللہ عنہ کي الله ڪريم جي پسنديده دين متين کان هٽائڻ ۽ ڪفر جي اونداهيءَ وادي ۾ ڌڪڻ لاءِ برابر تڪليفون ڏيندو رهيو، پر شمع نبوّت تي نثار ٿيندڙ ان پرواني جي حوصلي ۽ استقامت تان قربان وڃجي! ان دردناڪ ۽ غمگين حالت ۾ به هر پيري اهو ئي جواب ڏنائون: لَآ اَكْفُرُ اَبَدًا (يعني مان ڪڏهن به ڪفر اختيار نه ڪندس). (5)

**اعزاز ۽ مناقب:** پاڻ سڳورن جي ذات مبارڪ اهڙي ارفع ۽ اعليٰ هئي جو ڪيترائي اعزاز سيني تي سجايائين، پاڻ اسلام قبول ڪندڙ ۾ چوٿين يا پنجين فرد ۽ عشره مبشّره مان آهن، (6) پاڻ رضی اللہ عنہ راهِ خدا ۾ به پهرا هجرت ڪئي، بن قبلن ڏانهن نماز پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، پاڻ رضی اللہ عنہ کان سوا ڪنهن به صحابي پنهنجي والده سان گڏ هجرت نه ڪئي، (7) سڀ کان پهريان جنهن شخص تاجدارِ رسالت ﷺ جي حفاظت ۽ حمايت ۾ تلوار کڻڻ جي سعادت حاصل ڪئي اها پاڻ رضی اللہ عنہ جي ذاتِ مقدسه آهي. (8)

**ميدانِ جنگ جا ڪمالات:** حضرت زُبير بن عَوّام رضی اللہ عنہ ميدانِ جنگ ۾ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريا ۽ اڳيان اڳيان رهڻ وارا هئا.(9) غزوهٔ بدر ۽ جنگِ اُحد کان وٺي، صلح حديبيه، فتح مڪ ۽ معرڪ حُنين تائين ڪهڙو اهڙو موقعو ۽ ميدانِ ڪارزار هو جنهن ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ پياري آقا سان گڏ نظر نه آيا هجن. (10) ماهِ رمضان سن 2 هجري غزوه بدر جي موقعي تي مسلمانن وٽ صرف به گهوڙا هئا ۽ انهن مان هڪ گهوڙي تي پاڻ رضی اللہ عنہ سوار هئا، (11) رمضان المبارڪ سن 8 هجري ۾ فتح مڪ جي موقعي تي پاڻ رضی اللہ عنہ لشڪرِ اسلام جي ڪابي پاسي تي سالار مقرر هئا.(12)

**خليفہ ثانيءَ جو اعتماد:** فاروقِ اعظم جي دربار ۾ به پاڻ جو مقام تمام بلند هو، فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ سندن بابت هي ڪلما فرمايا آهن: مان ڪنهن سان عهد ڪريان ها ته زبير سان ضرور ڪريان ها، اهي اسلام جي ٿنين مان هڪ ٿنيو آهن. (13)

**خليفہ ثالث جي نظر ۾:** دربارِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۾ بہ سندن عظمت ۽ شرافت جي خوشبوءِ مهڪي رهي هئي، حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جيسين مون کي علم آهي حضرت زُبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ قوم ۾ سڀ کان بهترين شخص آهن ۽ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي کائنئ تمام گهٽي محبت هئي.(14)

**خليفہ رابع جي نگاهہ ۾:** حيدرِ کرّار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي نظر ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي عظمت اوچ ثريا کي چهي رهي هئي، جڏهن حضرت زبير شهيد ٿي ويا تہ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ڏيءَ حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا روئڻ لڳي، کنهن حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي چيو: هيءَ روئي رهي آهي؟ تہ حيدرِ کرّار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هيئن فرمايو: اگر حضرت زبير تي نہ روئجي تہ ان کانپوءِ ڪير آهي اهڙو جنهن تي روئجي(15).

**امانت دار ۽ ديانت دار:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي امانت داري ۽ ديانت داريءَ تي صحابہ ڪرام کي اهڙو اعتماد هو جو ستن جليلُ القدر صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي پنهنجي بعد پنهنجي مال جو والي ۽ نگران مقرر ڪيو، لهٰذا حضرت زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وڏيءَ ديانت داريءَ سان انهن جي مالن جي حفاظت فرمائيندا هئا ۽ انهن جي اولاد تي پنهنجي ڪمائيءَ مان خرچ ڪندا هئا. (16)

**ذريعہ معاش:** پاڻ هڪ وڏو تاجر ٻڌجي نالو ڪمايائون ۽ ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ڦهلايائين، (17) هڪ قول موجب پاڻ جزار هئا يعني گوشت جو ڪم ڪندا هئا، (187) عهدِ فاروقيءَ ۾ مديني منوره جي بازارِ بقيع ۾ صرف هڪ ئي مذبح خانو هو جتان ماڻهو گوشت خريد ڪندا هئا ۽ اهو مذبح خانو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ملڪيت ۾ هو.(19)

**ڪامياب تاجر ٻڌجڻ جو راز:** هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان تجارت ۾ ڪاميابيءَ جو راز پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: مون ڪڏهن بہ عيب واري شي ناهي خريد ڪئي ۽ گهٽ نفعي کي ڪڏهن بہ رد ناهي ڪيو، ۽ هونئن بہ الله پاڪ جنهن کي چاهي برڪت سان نوازي ڇڏيندو آهي. (20)

**راهِ خدا ۾ خرچ:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ کي راهِ خدا ۾ خوب خرچ ڪندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا هڪ هزار غلام هئا جيڪي ماڻهن کان زمينن وغيره جي آمدني وصول ڪري پاڻ تائين پهچائيندا هئا (جڏهن اها آمدني ايندي هئي تہ) پاڻ سڄي رات ان کي تقسيم ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، پوءِ جڏهن گهر موٽندا هئا تہ ان آمدنيءَ مان ڪجهہ بہ پاڻ وٽ نہ هوندو هو. (21) هڪ ڀيري پنهنجو هڪ گهر 6 لکن ۾ وڪرو ڪيائون تہ کائنئ عرض ڪيو ويو: حضور! اوهان سان تہ (هن سودي ۾) دوکو ٿيو! ارشاد فرمايائون: هرگز نہ، خدا جي قسم! توهان سڄاڻي ونڊؤ تہ مون نقصان ناهي ڪنيو، ڇو تہ مون اهو مال راهِ خدا ۾ ڏئي ڇڏيو آهي.(22)

**اولاد:** حضرت زُبير بن عَوّام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مختلف وقتن ۾ ڪيترين شاديون ڪيون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا 11 پٽ ۽ 9 ڌيئرون هيون. (23) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي مرتبيٰ شهادت سان اهڙو پيار هو جو پاڻ پنهنجي سيني پٽن جا نالا شهيدن جي نالن تي رکيا ۽ اها اميد رکي تہ پٽن کي بہ اها ابدي ۽ سرمدي سعادت حاصل ٿئي. (24)

**جامِ شهادت:** حضرت زبير بن عوّام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جڏهن خميس جي ڏينهن 10 يا 11 جمادَی الاخریٰ سن 36 هجريءَ تي جنگِ جمل ڇڏي واپس وڃي رهيا هئا تہ عمرو بن جرموز پيڇو ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي دوکي سان شهيد ڪري ڇڏيو.(25) وقتِ شهادت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي عمرِ شريف 64 ورهيه هئي. (26) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو مزارِ مبارڪ عراق جي سرزمين تي جنهن شهر ۾ واقع آهي ان جو نالو ئي مَدِينَۃُ الزُّبَيْر آهي.

(1)تاريخ ابن عساكر،18/438ملخصًا (2)المستطرف،1/242 ملخصًا (3)تاريخ الاسلام للذہبی، 3/498 (4)طبقات ابن سعد، 3/79 (5)معجم كبير، 1/122، حديث:239 (6)تہذيب الاسماء واللغات، 1/192 (7)الوافی بالوفيات، 14/122 (8)معجم كبير، 1/117، حديث:226 (9)شذرات الذہب، 1/74 (10)تہذيب الاسماء واللغات، 1/192 (11)طبقات ابن سعد،3/76 (12)طبقات ابن سعد،3/77 (13)تاريخ ابن عساكر، 18/396 (14)بخاری، 2/539، حديث:3717 (15)تاريخ ابن عساكر،18/423 (16)تاريخ ابن عساكر،18/397 (17)اعلام للزركلی،3/43 (18)سيرت حلبيہ، 1/396 (19)مناقب امير المؤمنين الخ، ص60 (20)الرياض النضرہ، جز4، 2/286 (21)حلية الاولياء، 1/133 (22)عمدۃ القاری،10/464، تحت الحديث:3129 (23)طبقات ابن سعد،3/74، الرياض النضرہ، جز4، 2/291 (24)طبقاتِ ابن سعد،3/74 (25)طبقات ابن سعد،3/82 (26)تاريخ ابن عساكر،18/433۔

# سيرتِ صديقِ اڪبر ۽ ايمان، فداڪاريءَ ۽ وفاداريءَ جو عظيم مثال

جمادي الثاني، جو مهينو اسلامي تاريخ ۾ ان عظيم شخصيت جي ياد ڏياري ٿو، جنهن هادي برحق، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعالي عليه وسلم جي نبوت جي تصديق سڀ کان پهرين ڪئي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه امتِ مسلمه جا سڀ کان افضل ترين انسان، مخلص ترين ساٿي ۽ اسلام جي پهرين خليفي جو اعليٰ مقام ماڻيندڙ آهن.

مردن ۾ سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪرڻ جو اعزاز حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه کي حاصل ٿيو. معراج جي واقعي کانپوءِ، جڏهن ڪافرن شڪ ۽ شبهي جا سوال اٿاريا. تڏهن پاڻ بغير ڪنهن جهجڪ جي فرمايائون: "جيڪڏهن رسولِ اڪرم ايئن فرمايو ته اهو سچ آهي. ان ۾ غير متزلزل ايمان جي ڪري کين "الصديق" جو لقب عطا ٿيو.

پاڻ رضي الله تعالي عنه جن ۾ قرآن مجيد "ثاني اثنين اذ هما في الغار" (ٻن مان ٻيو، جڏهن اهي غار ۾ هئا) فرمايو آهي. هجرتِ مدينہ جو ذڪيو ۽ نازڪ سفر هجي يا غار ثور جي سختي، پاڻ سڳورن صلي الله تعالي عليه وسلم جي هر موڙ تي حفاظت ۽ خدمت جو فرض حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنه دل و جان سان نباهيو.

سيرتِ صديقي، جو خوبصورت رُخ پاڻ سڳورن صلي الله تعالي عليه وسلم ۽ اسلام جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ آهي. غزوه تبوڪ جي موقعي تي پاڻ گهر جو سڄو سامان آڻي رسول الله صلي الله تعالي عليه وسلم جي قدمن ۾ رکي ڇڏيائون. جڏهن کائن پڇيو ويو ته "گهر وارن لاءِ ڇا ڇڏي آيا آهيو؟" ته ورڀاڻيائون: "الله ۽ ان جو رسول صلي الله تعالي عليه وسلم"

پاڻ سڳورن صلي الله تعالي عليه وسلم جي وصال کانپوءِ اُمتِ مسلمه لاءِ اهو هڪ وڏو نازڪ وقت هو. اهڙي وقت ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنه پنهنجي همت، تدبر ۽ ايماني جرئت سان امت کي متحد ڪيو. مرتدن جو خاتمو، منڪرين زڪوات سان جهاد ۽ قرآن مجيد کي هڪ جاءِ تي جمع ڪرڻ جهڙا عظيم تاريخي ڪارناما سندن ئي خلافت جي دور ۾ سرانجام ٿيا.

پاڻ رضي الله تعالي عنه پنهنجي ذاتي مال مان وڌيون قيمتون ادا ڪري حضرت بلال حبشي، حضرت عامر بن فهيره، حضرت زنّيره رضي الله تعالي عنهم ۽ ٻين ڪيترن ئي غلامن ڪي ڪافرن جي ظلمن کان آزاد ڪرايو. اسلام جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن مسلمانن کلي عام عبادت نٿي ڪري سگهيا، تڏهن به حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنه هادي برحق صلي الله تعالي عليه وسلم جي دفاع لاءِ پنهنجي جان هٿ تي رکي حفاظت ڪندا هئا

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه جي سيرتِ مبارڪ اسان لاءِ ايمان، قرباني، ۽ هادي برحق صلي الله تعالي عليه وسلم سان سچي محبت جو روشن مشعل راهه آهي. الله تعالىٰ اسان کي سندن سيرت ۽ نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٻرين پاڪ ۽ خاتم النبيين صلي الله تعالي عليه وسلم

دين اسلام جي خدمت ۾ توهان به دعوتِ اسلامي جو سٿ ڏيو ۽ پنهنجي زڪوات، صدقاتِ واجبه و نافله ۽ ٻين سڀني (Donation)ذريعي مالي تعاون ڪريو! اوهان جو چندو ڪنهن به جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ پلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.

**بينڪ جو نالو:** MCB **اڪائونٽ ٽائيٽل** DAWAT-E-ISLAMI TRUST : **بينڪ برانچ** MCBAL-HILAL SOCIETY: **برانچ ڪوڊ:** 0037

**اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ نافله** 08594919010004196 **اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ واجبه ۽ زڪوات** 08594919010004197

فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈي، باب المدينہ (ڪراچي)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
01130359